راڌا سوامي ستسنگ بياس پاران ڇپايل پيا پستڪ:-

ENGLISH

1. Call of the Great Master
2. Discourses on Sant Mat
3. In Search of the Way
4. Light on Sant Mat
5. Mysticism the Spiritual Path
6. Mystic Bible
7. Mystic Philosophy of Sant Mat
8. Path of the Masters
9. Philosophy of the Masters
10. Radha Soami Teachings
11. Sar Bachan
12. Science of the Soul
13. Spiritual Discourses
14. Spiritual Gems
15. Tales of the Mystic East
15. With a Great Master in India
17. Yoga and the Bible

سنڌي

١. سنت مت
٢. سنتن جي سکيا
٣. سار وچن
٤. پرمارٿي پتر
٥. روحاني گلدستو
٦. وينتي ۽ پرارٿنا جا شبد
٧. ستگورن جي سکيا [سچو نام، سچو گورو، سچي ڀڳتي]

هندي ۽ گرمکي

١. شبد کي مهما کي شبد
٢. روحاني گلدستو
٣. سنت مت پرڪاش
٤. گورو مت سڌانت
٥. پرمارٿي پتر
٦. سار بچن نظم
٧. سار بچن نثر
٨. گورو مت سار
٩. وينتي اور پرارٿنا کي شبد
١٠. گرو مت

Available from:-

The Secretary,
RADHA SOAMI SATSANG BEAS
P.O. Dera Baba Jaimal Singh
Distt. Amritsar, Punjab (India)

يلناهو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
(١٣)	١٨	١٧٥	١٠٧٥
٥	٥	وڄو	وڄي
١٢	٢	مانجها	ماجها
١٥	١٣	مانما	ٻوماڻما
٢٤	٢	سهسا	ليرو سهسا
٢٦	١٤	ڏُن	ڏَن
٣٧	١١	ٻالي	ٻاني
٤٢	٢١	گواي	گوائي
٤٤	٣	سٽ	سٻ
٤٥	٢٠	آٻي	آٻي آپ
٤٩	١١	سڪدرا	سِڪدار
٥٣	١	اندارو	اندار
٥٤	١٥	ونڇهه	ونڇهه
٨٠	٦	وني	ونڃ
٨٦	٦	ناع	ناڈُ
٩٥	٢٢	سونهو	سونهو
١٠٤	١٥	ڏيهه روگي	ڏيهه سِ روگي

وانون جيڪو گورو صاحبن جي ڏسيل ڪسوٽين لئي پورو اُتري ۽ انهن ڪسوٽين جو ذڪر هن "ستگورن جي سکيا" مالا ۾ نهايت ڪولي ڪيو ويو آهي.

"بسر گئي سب تات پرائي،
جب تي ساڌ سنگت موهہ پائي،
ناڪو بئري نهي بيگانا،
سگل سنگ هم ڪئہ بن آئي،
جو پرڀ ڪيدو سو ڀل مانئو،
ايهہ سُمت ساڌو تي پائي،
سڀ مهہ رو رهئا پرڀ ايڪي،
پيک پيک نانڪ بگسائي."

(ڪانڙا محل ٥، ص. ١٢٩٩)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهن مونکي ساڌوءَ جي سنگت ملي تڏهن سڀ پرائي تات وسري ويئي. هاڻي تہ مونلاءِ نڪو ڪو پنهنجو آهي ۽ نڪو ڪو پرائو. سڀ مونکي مترَ ٿا لڳن ۽ مان مالڪ جو ڀاڻو منو ڪري ٿو مڃان. اها سڀ سمت ساڌن وٽان پراپت ٿيم. هاڻي تہ هرهڪ ۾ مونکي پڀوءَ جو درشن او ٿئي جو ماڻي منهنجي دل باغ باغ ٿيو پوي.)

سماپت.

سبدن جي ڪمائي ڪري پنهنجي نج ڌام يعني سچکنڊ
هيڻ جڳائي. اهڙي ستگوروءَ جو حڪم مڃي ۽ سائنس
پريت ڪري هن حياتيءَ ۾ مڪتي حاصل ڪري
سگهجي ٿي.

روحاني راهه ۾ ڪامل مرشد اهم ضروري آهي.
جڏهن ڪرتار جي خاص ڪرپا ٿيندي تڏهن ئي اهڙو
روحاني رهبر مليتو جو ٿي پنهنجي شيوڪ جي آتما
کي آڪاش واڻيءَ سان جوڙي مايا جي چڪر ۽ ڪال
جي قيد مان آجو ڪري ٿو.

عام طور اسين جاچيندا آهيون ته مهاتما جي سڪي
شيوڪي ڪيتري آهي ۽ پوءِ ئي گورو ڌارڻ ڪندا
آهيون. پر حقيقت ۾ اها ڪسوٽي سراسر غلط آهي.
اسانکي هميشه انهيءَ ڳالهه جو خيال رکڻ کپي ته مهاتما
جي چڙهائي ڪيتري آهي.

حقيقت ته اها آهي ته سچا گورو جي ٿورا آهن ۽ انهن
۾ ڪي ورلي سنتن جي اپديش تي پوريءَ طرح
عمل ڪندا. جيئن سڪول ۽ ڪاليج ته سيڊي لاءِ کليل
آهن پر ڪي جزوي وديارٿي اوچيون ڊگريون حاصل
ڪن ٿا اهڙيءَ طرح سچا انوراڳي بلڪل ٿورا ٿيندا آهن.
عام طور پريوءِ ڪي پاڻ لاءِ سنساري ماڻهو آسان طريقن
جهڙوڪ پوڄا پاٺ ۽ ڪرم ڌرم جي اوٽ وٺندا آهن.
انهيءَ ڪري اسانکي جڳائي ته انهيءَ مهاتما جي شيو

"ايڪا مائي جڳت ويائي،
تن چيلي پرروان."
(جپ جي محلہ ١، ص ـ ٧)
(هڪڙي ديويءَ يعني شڪتيءَ ٽن چيلن يعني برهما، وشنو ۽ مهيش پنهنجي چتراٺيءَ سان هي جڳت رچيو آهي.)
اهي سڀ گڏجي رچنا رچين ٿا.
"تين گنا اِڪ شڪت اپائتا،
مهامائتا تاڪي هي ڇائتا."
(گوند محلہ ٥، ص ـ ٨٦١)
(پرماتما ٽن گڻن ۽ شڪتيءَ کي پيدا ڪيو ۽ مهامايا سندس ڇايا آهي.)
انهيءَ مهامايا ۽ ٽن گڻن رجو، تمو، ستو اٿوا برهما وشنو ۽ شِو هيءَ رچنا رچي آهي. پر اهي سڀيئي مالڪ جا شيوادار آهن ۽ انهيءَ جي بخشيل طاقت ذريعي رچنا جو ڪم هلائين ٿا پر آهن اهي به هومےءِ ۾ مبتلا. چونڪاري جي هڪ ٿي صورت آهي ۽ اها آهي گوروءَ جي دڀا مهر.

ٽات پرچ

اهڙيءَ طرح گورو صاحبن جيڪا سکيا گورو گرنٿ صاحب ۾ ڏني آهي تنهنجو سار آهي ته سچي ۽ پوري موجود هه ستگوروءَ کـي ڳولي نام وٺـي پنهنجي

اگني، پرٿوي ۽ انجا سڀ پدارٿ، ماتا پتا، ڌن دولت، ڪايا، يار دوست ۽ سنبنڌي، سڀ هؤمي ۽ جي بيماريءَ ۾ قائل آهن. پاڪ برهما وشنو ۽ شو اهي به انهيءَ کان آجا ناهن. جي گوروءَ کان شبد جو ڀيد وٺي ڪمائي ڪري سچکنڊ پهتا سي شفاياب ٿي مڪتي پائين ٿا.)

شبد يوڳ جي ابياس ڪرڻ سان جڏهن خوديءَ جو خاتمو ٿئي ٿو تڏهن اڳيان جو پڙدو هٽيو وڃي ۽ هي سنسار پرماتما جو کيل ٿو لڳي پاڪ هرهڪ ۾ اهو پرماتم پيو پسجي.

"ايهه وِش سنسار تم ديکدي،
ايهه هرڪا روپ هي،
هر روپ نَدري آئڌا."

(رام ڪلي محله ٣، اند، ص- ٩٢٢)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته ڀائي! هي سنسار جو لوڪي اکين سان ڀرپال ٿو نظر اچي سو مونکي هريءَ جو روپ پرليمس ڏيٺو.)

جن گورمکن پنهنجي آتما جي اک کولي آهي ۽ مهاچيتن اوستا پراپت ڪئي آهي تنکي هي سنسار حقيقت ۾ پرماتما جو روپ نظر ٿو اچي.

هي ٽرلوڪي ڪال ڀڳوان شڪتي، برهما، وشنو ۽ شِوَ جي سهائتا سان بڻائي آهي.

٧- سارو سنسار هومي جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي.
صرف سنت ئي انهيءَ کان آجا آهن.

هومي جي بيماريءَ جو علاج آهي شبد جي ڪمائي.

"هومي ديرگهه روڳ هي،
دارون ڀي اس ماهه،
ڪرپا ڪري جي آپڻي،
تا گُر ڪا سبد ڪماهه."

(وار آسا محلا ٢، ص- ٤٦٦)

(هومي يا خودي هڪ ڪهني بيماري آهي پر انجو علاج ۾ انسان جي اندر آهي. پرماتما ڪرپا ڪري گروءَ سان ملائي ۽ اهو شبد پڪڙائي ته پوءِ انهيءَ بيماريءَ کان شفا ملندي.)

"پونَ پاڻي بئسنتر روڳي؛
روڳي ڌرت سڀوڳي،
مات پتا مائنا ديهه روڳي،
روڳي ڪٽنب سڄوڳي،
روڳي برهما بِسَنُ س رُدرا،
روڳي سگل سنسارا،
هر پد چين ٿئي سي مڪتي،
گُر ڪا سبد ويچارا."

(ڀيروءَ اشٽپديان محلا ١، ص- ١١٥٣)

(گورو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا ته هوا، پاڻي،

نرمل شبد سان جڙڻ محال ٿيو پوي ، انهيءَ ڪري انهد شبد جي ڪمائي ڪرڻ وارن کي ماس مڇليءَ کان پرهيز ڪرڻ کپي.

جيڪي ٻڪين ۽ پسن کي مارن ٿا انهن کي ويچار ڪرڻ کپي ته پرماتما انهن سان خوش ٿيندو يا ناراض! جي ناراض ٿيندو ته سزا ضرور ملندي.

"ڪُڌَمُ ڪري پَسُ پنکيئا،
ڍسي ناهي ڪال،
اوتي سات منک هي،
ڦانا مائيا جال."

(سري راڳ محل ٥، ص - ٤٣)

(اي انسان! تون ٻڪين ۽ پسن جو شڪار ٿو ڪرين پر ڪال شڪاري جو هر دم تنهنجي سر مٿان سوار آهي تنهنکي نٿو ڏسين ڇاڪاڻ ته تون مايا جي ڄار ۾ ڦاٿل آهين.)

مايا جو نشو جيئن کي اهڙو چڙهيل آهي جو هو ٿوري ڪال جي باري ۾ سوچي ئي نٿو. اسان مان ڪي صحت سڌارڻ جي خيال کان ماس مڇلي کائيندا آهن ليڪن اها سراسر خود غرضي ۽ بي رحمي آهي. اها نام جي ڪمائيءَ ۽ ستگورو ڀڳتيءَ ۾ هڪ مهان رڪاوٽ ثابت ٿي ٿي.

"ڪرني نندا ڪري ٻوري ستگرو ڪي،
تسدو ڦت ڦت ڪهي سڀ سنسار."
(گوڙي ڪي وار سلوڪ محلہ ۴، ص- ۳۰۲
(جيڪو ٻوري گورو جي گلا ڪري ٿو انهيءَ لئي
سڄو سنسار لعنت وجهي ٿو.)
سنتن جي نندا ته درڪنار، ڪنهن به اِنسان
جي گلا نه ڪرڻ کپي.

۶- ماس مڇلي کائڻ
ٻو مارت ۽ ٻراڻين جي هنسا ناجائز آهي ڇاڪاڻ
ته انهيءَ ڪري ڪنهن جيون کي پيڙا ٿئي ٿي.
"جيئه ٻڌهہ س ڌرم ڪر ٿاپهہ،
ادرم ڪههہ ڪت ڀائي،
آپس ڪئه مُنِوَرُ ڪر ٿاپهہ،
ڪاڪئہ ڪههہ ڪسائي."
(مارو ڪبير جيئو، ص- ۱۱۰۳)
(اي مورکا! جي تون جيون کي مارڻ ڌرم ٿو
سمجهين ته پوءِ ادرم ڇاکي چئبو؟ جي جيو هنسا ڪري
تون پاڻکي مني ٿو سڏائين ته پوءِ ڪاسائي ڪنهنکي
سڏبو؟)
شايد ڪن جزوي رشين منين ماس ورتو هجي پر
ماس کائڻ سان من ۽ آتما ملين ٿين ٿا انهيءَ ڪري الي

اهڙي مهاتما جي ڪرج ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي.
پڙهڻ سان اندر ۾ ڪڏهن پرڪاش نظر نٿو اچي.

۵. گلا مهاپاپ آهي.

اسان کي سيني لاءِ سدا پاڻ هڻڻ کپي ۽ ڪنهن جي به لائي چائي ڪرڻ نه کپي. گلا مهاپاپ آهي. اها اسانجي من کي گندو ڪري ٿي. گلا ۾ ڪو سواد ئي ڪونهي انهيءَ ڪري پرمارٿيءَ کي ڪنهن جي به نندا ڪرڻ نه جڳائي.

نندا ڀلي ڪسي ڪي ناهي،
منمک مگد ڪرن،
مهه ڪالي تن نندڪان،
نرڪي گهور پون."

(سوهي محلا ۳، ص- ۷۵۵)

(ڀائي! ڪنهن جي به نندا ڪرڻ نقصانڪار آهي. جيڪي منمک ۽ اي عقل پيڙ جي گلا ڪن ٿا انهن جو ڌرماءَ جي درٻار ۾ منهن ڪارو ڪيو وڃي ٿو ۽ کين نرڪن جي سزا ملي ٿي.)

اٿين ته ڪنهن جي به گلا ڪرڻ ناجائز آهي پر ڪنهن پورن سنت ستگوروءَ جي نندا گهور پاپ آهي. اهڙي دشت کي پرماتما نهايت سخت سزا ڏئي ٿو ۽ دنيا ۾ کيس ڦٽڪاري ٿي.

(ويد سمرتيون ۽ شاستر پڙهڻ سان مڪتي نٿي ملي. گوروءَ جي اُپديش منتر (شبد) جپڻ سان آتما نرمل ٿي موڪش پائي ٿي.)

مٿي لکيل 'اکر' جو ارٿ آهي شبد. انهيءَ جو ٻيو ارٿ آهي پارٻرهم جاڻڻ ۽ اهو 'کر' يعني مايا کان پري آهي. اِن پڇي آتما نرمل ۽ پوتر ٿيو پوي.

"پڙهي ميل نه اُتري،
پوڇهو گيانيا جاء."

(سري راڳ محلو ٣، ص - ٣٩)

(پاڻي! ويد شاستر پڙهڻ سان من جي ميل نه لهندي. توُن گيانوان پرش کان پڇي ڏس ڪر.)

"پاٺ پڙهي نه بوجهئي،
ڀيکي ڀرم ڀلاء."

(سري راڳ محلو ٣، ص-٦٦)

(ڌرم پستڪن جي پڙهڻ ۽ پاٺ ڪرڻ سان پرماتما جي سوجهي نٿي پوي. عام مت متانتر انهيءَ ڀرم ۾ ڀليل آهن.)

سچو گيان انهيءَ وقت حاصل ٿئي ٿو جڏهن گوروءَ کان نام وٺي ڪمائي ڪري انهد شبد کي پنهنجي اندر ٻڌجي ٿو.

ڪنهن به ڌرم پستڪ جي پڙهڻ جو مول مقصد اهو هئڻ کپي ته پوري گوروءَ جي ڀڄاڻ ۾ سهائتا ملي ۽

نتي ڪُلي. انهيءَ ڪي ڪولڻ لاءِ ستگوروءَ جي مهر ۽
انهد شبد جو اڀياس ضروري آهن.

”راڳ نادَ ڇوڊ هرِ سيويئي،
تا درگهہ پائيئي مانُ.“
(٨٤٩ - بلاول ڪي وار محله ٤، وچو محله ٣، ص - ٨٤٩)

(يائي! باهريان راڳ ۽ ساز ڇڏي هريءَ جي شيوا
ڪر ته پوءِ ني نهنجو درگاهه ۾ مان ٿيندو.)

جيسين اسين نؤ دئارن ۾ قائل آهيون ٿيسين ست
پرش جو درشن محال آهي. پوري گوروءَ ڪان پيد وٺي
پنهنجي اندر انهد شبد کي پڪڙي جڏهن سچکنڊ
پهچنداسين تڏهن هنجي ديدار جو مشاهدو مانئينداسين.
اهو سڀ جيئري ٿي سگهي ٿو. شبد ئي ساري
ڪائنات جو سار تتو آهي ۽ سڀني جانين جي
جان.

پر جيئن اڳيئي سمجهايو ويو آهي ته انهد شبد کي
پنهنجي اندر ٻڌڻ لاءِ سچي ۽ پوري موجود هـ
ستگوروءَ جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ آڪاش واڻيءَ کي
گرنت پوٿين جي پڙهڻ سان ٻڌي نٿو سگهجي.

”بيد ڪتيب سمرت سڀ ساسب،
ان پڌئا مڪت نه هوئي،
ايڪ اکر جو گرمڪ جاپي،
تسڪي نرمل سوئي.“
(سوهي محله ٥، ص - ٧٤٧)

آهي. هوئي ساري رچنا جو ناهيندڙ، سنڀاليندڙ ۽
ناهيندڙ آهي ۽ هنجي حڪم سان ئي ڪوٽ برهما ۽
وشنو ۽ شو پنهنجي سونهيل ڪم جي اجاوري پيا ڪن.

"ڪوٽِ بِشَن ڪيئي اوتار،
ڪوٽ برهمنڊ جاڪي ڌرمسال،
ڪوٽ مهيش اُپاءِ سمائي،
ڪوٽ برهمي جڳ ساجڻ لائي."

(پئوڙي محلہ ٥، ص- ١١٥٦)

(سٽ برش جي حڪم سان ڪروڙين وشنو اوتار وٺن ٿا، ڪروڙين شو اُپجن ۽ ناس ٿيندا ۽ ڪروڙين برهما رچنا رچين ٿا.)

سٽ برش جي هڪ نظر سان بي شمار ڪنڊ برهمنڊ اُپجن ۽ ٻڌجن ٿا.

"ڪوٽ برلئه اوپت نمڪ ماهہ."

(پئوڙي محلہ ٥، ص- ١١٥٦)

(ڪروڙين کنڊن جي رچنا ۽ پرلئه هڪ گهڙي ۾ ٿي ٿي.)

انهن سڀني حقيقتن جي سوجهي انهن کي ٿئي جڏهن سادڪ سچڪنڊ پهچي ٿو.

٣- ويد شاستر پڙهڻ ۽ پاٺ ڪرڻ ۽ انهن جو
ڪيرتن ڪرڻ سان پرماتما نه ملندو

جپ تپ ڪرڻ ۽ پنجن گيانن سان اندر جي اڪ

شڪتيون گمراهه نٿيون ڪري سگهن ڇاڪاڻ ته هنجو
اشت انهن شڪتين کان مٿي سچکنڊ آهي.

"ڪال اڪال کهي کهه اڀري،
جيوت موئا من ماري."

(رام ڪلي محلا ١، ص - ٩٠٨)

(ڀائي! جنهن ڀرڀوءَ اڀياس ذريعي جيئري مري
پنهنجو من وس ڪيو آهي تنهنکي وچارا ڪال مهاڪال
ڇا ڪندا؟)

جڏهن ستسنگي ستگوروءَ جي ديا مهر سان پنهنجي
چت کي ليسري تل ڀ ايڪاگر ڪري مٿين سوکيم ۽
ڪارڻ منڊلن کي طئه ڪري سچکنڊ پهچي ٿو ته ڪال
۽ مهاڪال هٿ مهٽيندا رهجو وڃن.

"ڪال اڪال پئي ديواني،
من راکيا گر ٿاني،
ٿاٺڪ اوگڻ سبد جلاني،
گن سنگم ڀرڀ پاني."

(سوهي محلا ١، ص - ٧٦٤)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن ستگوروءَ جي
ڪرپا سان منهنجو من نشچل ٿيو ۽ منهنجا سڀ وڪار
شبد جلائي ختم ڪري ڇڏيا ۽ گڻن جو ڀنڊار ڀريو پراپت
ٿيو ته ڪال ۽ مهاڪال جڪ ماريندا رهجي ويا.)

ستنام ڪل مالڪ ۽ ساري سرشٽيءَ جو واحد ڪرتا

آهي، انهيءَ ڪري جڏهن ستپرش جي موج ٿئي ٿي تڏهن هو انڪي پاڻ سان ملائي سگهي ٿو ۽ ڪا به ڪال جي شڪتي سندس موج ۾ دخل نٿي ڏيئي سگهي.

”کنڊ پتال ديپ سڀ لوئا،
سڀ ڪالي وس آپ پرڀ ڪيئا.“

(مارو سولهي محلہ ۵، ص-١٠٧٦)

(پرماتما کنڊ، پاتال، ديپ ۽ پيا لوڪ بنائي خود ڪال کي انتظام لاءِ سپرد ڪيا آهن.)

ستپرش اُن لوڪن جو راڄ ڪال کي ڏنو آهي پر ڪال انهن کان مٿي چوٿين لوڪ يعني سچکنڊ نٿو وڃي سگهي. جڏهن پرلئه ٿيئي ٿي تڏهن برهم تائين وڃنا ڏهي وڃي ٿي ۽ مهاپرلئه جو اثر پار برهم تائين ٿئي ٿو پر سچکنڊ امرلوڪ آهي جتي پرلئه مهاپرلئه پهچي نٿي سگهي. ستپرش پنهنجي موج سان هيٺيان کنڊ برهمنڊ ڪال جي حوالي ڪيا آهن. اُنهيءَ ڪري ديال جي پيٽ ۾ ڪال ٻئي درجي جي هستي آهي. در آصل تہ هو ديال جي شڪتيءَ دواران ئي اُن لوڪن جو اِنتظام ڪري ٿو.

شبد اياسيءَ جنهن پنهنجي سرت انهد شبد سان جوڙي آهي انهيءَ کي مايا، ڪال، مهاڪال جون

پنهنجي انيو دواران اپديش ڪيو آهي تہ جن جن تي پريوءَ جي خاص دييا ٿئي ٿي انهن کي هو پورن سنت جي سنگت ۾ آڻي انهد شبد جي ڪمائي ڪرائي ٿو.

جڏهن مينهن پوڻ جو وقت نزديڪ ايندو آهي تہ آسمان ۾ بادل مڙي ايندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن پرماتما ڪنهن انسان کي پاڻسان ملائڻ چاهيندو آهي تہ هن کي سنتن جي سنگت بخشيندو آهي ۽ انهن گوروءَ ذريعي کيس سچي نام جي پراپتي ٿيندي آهي.

عام طور سڀ سنساري جيو هن ڪال نگريءَ ۾ قائل آهن ۽ ڪرمن جي ڀوساگر ۾ غوطا پيا کائين. ڪال اوچ نيچ، امير غريب سڀني کي پنهنجي چنبي ۾ قابو جهلي ويٺو آهي.

"سڀ جگ ڪالي وس هيءِ،

باڌا دوجي ڀاءِ."

(گوڙي اشٽ پديا محلہ ٣، ص-١٦٢)

(سارو سنسار ڪال جي وس ۾ آهي ئي جنهن جو بلڪل مجبور آهي.)

مايا، ڪال ۽ مهاڪال جي سدائين اها ڪوشش آهي تہ جيو کي نہ پنهنجي اصلي ڌام سچکنڊ جو پتو پوي ۽ نہ سچي پتا ست پرش جي ڄاڻ. ليڪن ست پرش ڪل مالڪ آهي ۽ هن ئي لوڪن جو راڄ ڪال کي سونپيو

ٿو؛ جن تي اها نوازش ٿئي ٿي سي مايا جي ڄا
قائل رهندا.

"جس پاوي تس آپن ناء لاوي،
جس پاوي تس کيل کلاوي."
(گوڙي سکمڻي محل ٥، ص-٢٩٢
(ڪن کي پاڻسان ملائي ٿو ته وري ڪن کي ما
جا کيل کيلائي ٿو. اها سڀ پرميشور جي عجيب ليـ
آهي.)

مالڪ جي جڏهن موج ٿئي ٿي تڏهن هو جنهن
جنهن کان موهه ممتا جي نندرا ۾ ستل جيو آتمائن کي
جاڳائي ٿو. باقي ٻيا سڀ مايا جي گهور نند ۾ غلطان
رهن ٿا.

"آپي ڪري ڪرائي آپي،
اڪنا سُتيا ديه جڳاء،
آپي ميل ملائدا،
نانڪ سبد سماء."
(سري راگ محل ٣، ص-٦٩)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جيو جي ڏور ڪرتار
جي هٿ ۾ آهي. جن تي سندس عنايت جي نظر ٿئي
ٿي تنکي چڪي پاڻ سان ملائي شبد ۾ لولين ڪري ٿو.)
اسين ناقص جيو انهيءَ الاهي موج کي عقل پڌيءَ
ذريعي ڪڏهن به سمجهي نه سگهنداسين. گورو صاحب

... مناسب وقت تي پوري گوروءَ وٽ ... ڀلاڙي نام دان پائي ٿو.

"ڌر مستڪ جن ڪئه لکيا،
سي گرمک رهي لوَ لاءِ."

(سري راڳ محله ٣، ص - ٢٧)

(جنهن پرماتما جي ڌر مستڪ ۾ لکيل آهي سوئي ... ري گوروءَ سان پريت ڪندو.)

"ڏانڪ نسُ ملي جسُ،
لکيا ڌرُ ڪرم."

(گوڙي سکمني محله ٥، ص - ٢٧٤)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جنهنجي ڀاڳ ۾ هريءَ ... لکيو آهي سوئي پرماتما کي پائي ٿو.)

جڏهن پرماتما جو حڪم ٿئي ٿو تڏهن ئي جيو جو ... پوري گوروءَ سان ميلاپ ٿئي ٿو، کيس نام ملي ٿو ... سدس شيوا پاءِ وڏي ٿو.

"مستڪ ڀاڳ هووي ڌرُ لکيا،
تا ستگر سيوا لائي."

(رام ڪلي محله ٤، ص - ٨٨٠)

(جنهنجي للاٽ ۾ ڌر درگاهه کان ليک لکيل آهي ... ي ستگوروءَ جي شيوا ڪريٿو.)

... سڀ ڪجهه مالڪ جي اختيار ۾ آهي جڏهن هنجي ... ٿئي ٿي تڏهن هو جيو آتما کي پاڻ سان ملائي

ٻئي ڪنهن جو دخل نہ آهي. هوني سڀ جو ڪرتار ۽ اباانظهار آهي.

"جو ڪڇ ڪرنا سو ڪر رهيا،
اَؤر نہ ڪرنا جائي."

(آسا محلہ ٣، صہ - ٣٥٠)

(ست پرش جيڪي رليو آهي سوئي پيو ٿئي ۽ ٻيو ڪجهہ اُيٽو نہ آهي.)

جيڪي ڪجهہ آدجڳاد کان ٿي رهيو آهي سو صرف ست پرش جي انادي حڪم جو ظهور آهي. جيڪا رت ڪل مالڪ رئي ڇڏي آهي انهيءَ ڪي سور صرف ڪولي ظاهر ڪري رهيو آهي.

جنهنجي ڌرمستڪ ۾ ست پرش لکيو آهي سوئي پوري گوروءَ وٽ پهچي نام دان پائي، انجي شرق ۽ لگن سان ڪمائي ڪري ٿو.

"جَنَ نانڪ نامُ ڌيائيا ميري جمدڙ ٻئي،
ڌرمستڪ هر لک چها رام."

(بهاگڙا محلہ ٤، صہ - ٥٤١)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جن جي ڌرمستڪ ۾ هريءَ لکيو آهي سيئي وڏ ڀاڳي نام ڌيائين ٿا.)

پريوءَ جو ميلاپ چتراني ۽ ڪوشش ذريعي ممڪن ناهي. انهيءَ لاءِ خود پريوءَ جي ديا مهر جي درڪار آ... جنهن جيو جي مستڪ لـي هو پنهنجي ديا جي،

"سچي ٻڌسڪ ٻڌا سنگ،
جن سنگ جپيئي ناءُ،
تن سنگ سنگ نہ ڪيجئي،
نانڪ جن آپنا سڀاءُ."

(راگ آسا سلوڪ محلہ ۵، ص - ۵۲۰)

(ڀائي! اها سنگت ڪر جتي نام جپڻ جو شوق پيدا ٿئي ۽ جنکي صرف پنھنجو سوارٿ آهي انھن کان ڪنارو ڪر.)

ٻر مار ٿي جگياسن ۽ ٻراهي سترسنگين کي جيتري قدر ٿي سگهي اوترو ٻهت سنساري ۽ خود مطلبي ماڻهن جي صحبت کان بچڻ کپي نہ تہ سندن سنگ جو رنگ چڙهندو.

"نانڪ منمکان نالو ٽٽي ڀلي،
جن مائيا موهہ پيار."

(گوڙي ڪي وار سلوڪ محلہ ۴، ص - ۳۱۶)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جن منمکن جو موهہ ۽ پيار مايا سان آهي تن سان نالو ٽوڙڻ ڀلو.)

۳. مالڪ جو ڀاڻو

سنت جن جي سڀکنب ٿائين ٻهج آهي ايڊيش ڪن ٿا تہ ڪنبن ٻرهمنبن ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو سو ست پرش جي حڪم ۽ موج مطابق ٿئي ٿو. انهي موج ۾

اڻواٺُو ساڌن آهي. ستسنگ ۾ٻن ساڌن جي ولي ڪيفيت جي واڌ آهي ۽ انهيءَ ذريعي ستسنگي من جي اڻاٺن ۽ سوارٿي خيالن کان اڇل رهيتو پورڻ سمت ستسنگ وڄ جي ستسنگ ۾ ٿي پرماتما جي سچي نام جو قدر پوي ٿو.

”سنت سنگ انتر پرڀ ڏيٺا،
نام پريم ڪا لاڳا ميٺا.“

(گوڙي سکمني محل ۵، ص - ۲۹۳)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ سنتن جي سنگ ڪري مون کي اندر پرماتما جو درشن ٿيو ۽ هري جو نام مٺو لڳو.)

مٿي چوڻ جو پرم مقصد ٿي آهي نام ۽ ستسنگ جي پراپتي. ساڌ سنگت دوارا ٿي سچي نام جي پرچو پوي ٿي ۽ پوري گوروءَ جي کوج ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ جڏهن پورو گورو شبد جو ڀيد ڏئي ٿو تہ انجي ڪمائي الساهہ سان ڪجي ٿي ۽ موکش پراپت ٿئي ٿو.

انساني زندگي نهايت املهہ آهي ۽ انهيءَ کي صرف دنيوي ڌنڌن ۾ فضول گنوائڻ نہ کپي. جيتري قدر ٿي سگهي هڪ پل بہ وقت ڪمن ۾ وڃائڻ نہ کپي. پوري گوروءَ جي دل وجان سان کوج ڪري پرسنت سان سدس ستسنگ ڪجي ۽ کانئس نام جو ڀيد وٺي پوري چاهہ ۽ لگن سان انجي ڪمائي ڪجي.

ٽاڪ ته، سنتن جو اصلي سروپ شبد ٿيڻ
آهي انهيءَ ڪري اهڙن ڪمائيءَ وارن مهاپرشن جي
صحبت مان اسانکي پورو لاڀ وٺڻ جڳائي.

"ست سنگت ڪيسي جانيئي،
جتي ايڪو نام وکانيئي."
(سري راڳ محله ا، ص – ۷۲)

(ڀائي! ستسنگ اهو آهي جتي صرف هڪ نام
(انهد شبد) جي وياکيا ٿئي ٿي.)
اهو گورو صاحبن جو اصول ظاهري توڙي باطني
ٻنهي ستسنگن سان لاڳو آهي.

انهد شبد ٿي اهو هڪ نام آهي جو هردم انسان
جي اندر پيو گونجي. جڏهن چت کي ايڪاگر ڪري
آتما انهيءَ آڪاش واڻيءَ کي ٻڌي ٿي ته انهيءَ کي
اندروني ستسنگ چئجي ٿو.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته سنت انهيءَ انهد شبد
آڪاش واڻيءَ جو جسماني روپ آهي ۽ انهيءَ جو
...گ ڪرڻ آهي باهريون ستسنگ. اهڙي سنت
...گوروءَ جي ستسنگ ۾ انهيءَ هڪ نام يا انهد شبد
...ي پرچار ٿئي ٿو ۽ سنتن مقناطيسي پرڀاو جي ڪارڻ
... مل نيو پوي ۽ هري درشن جي پرٻل اڇا من ۾
...ٿئي ٿي.
...گيءَ کي آتمڪ موڙ ڏيڻ لاءِ ستسنگ هڪ نهايت

ضروري آهي ۽ جيترو ڪجهه اولڙو اوروءِ عام ڇو
آهي ته جهڙو سنگ اهڙو رنگ، سنگ ناري، ڪسنگ
اوڙي جي سٺو سنگ مليو ته جيوت سڌري ويندي
پر جي بدقسمتيءَ سان ڪو وڃي ڪسنگ ۾ ڦاٿو ته
حياتي برباد.

پلي ڪٺي ڪو ڪيتري به مضبوط شخصيت وارو
هجي ته به ٿوري ٿوري سنگ جو رنگ ضرور چڙهندس.
واتاورڻ ۾ ئي ڪلي ظاهر ٿي سگهي ٿو انسان جو بنيادي جوهر ته پوري ۽ سٺي

اهڙي ريت جي اسان آهڪ انتيءَ ۽ گيان جا
ڪانڪي آهيون ته اسانکي اهڙن مهاپرشن جي صحبت
ڪرڻ کپي جن پنهنجي اندر پرال آهڪ چيتنا پرگهٽ
ڪئي آهي. اهڙن مهانمانن جي درشن ۽ ستسنگ
دوارا من ۾ ٻي نرمارت جو رنگ چڙهي ٿو ۽ جيو نرمل
ٿيو پوي.

ستسنگ جو اکري ارٿ آهي "ست" جو "سنگ"
... انتر "ست" (سچ) آهي انهد شبد. انهيءَ ڪري
... سرشٽ ستسنگ آهي آتما جو انهد شبد سان
... ٿيڻ کي "... ستسنگ" چئجي ٿو ۽
... جي ... ۽ ... شبد جو ابياس
... ٿو.

... ستسنگ ...

"ستگورو نہ سيوئو، سبد نہ رکئو اُرڌاز،
ڏکُ تِنا کا جيوڻا، کِتُ آئي سنسار."
(سلوڪ محلہ ٣، ص-١٤١٤)

(جن ستگوروءَ جي شيوا نہ ڪئي ۽ شبد کي هردي ۾ نہ وسايو تن جي جيون تي ڌڪار آهي ۽ انهن جو سنسار ۾ اچڻ نہ اچڻ برابر آهي.)

اهڙا منمک سدائين مايا جي جار ۾ ڦاٿل رهنتا ۽ انت سمي جمدوت اچي کين پڪڙين ٿا ۽ نانا پرڪارن جا عذاب ڏين ٿا.

"ساکت بڌک مائيا ڌاري،
تن جم جو هن لاڳي،
اَن ستگر آگي سيسُ نہ بيچا،
اوءَ آوهِ جاهِ اڀاڳي."
(گوڙي پوربي محلہ ٤، ص-١٧٢)

(سنساري جيو سدائين مايا جي بندن ۾ جڪڙيو پيو آهي جمدوت سدائين سندس سر تي سوار رهيتو. جاڪاڻ تہ هن ستگوروءَ اڳيان پنهنجو سيس نہ نوايو. تنهيءَ ڪري اهڙي اڀاڳي جو جنم مرڻ جو چڪر قائم رهي ٿو.

٢- ستسنگ

پورن سنت جو ستسنگ سڀ کان وڏي

۽ خالي نہ رهي. هڪان جمدوت حساب ڪتاب نہ
طلبين ۽ نڪي ڪيس دک سهڻا نا پون.)
جن مممکن کي زندگيءَ ۾ روحاني رهبر نہ ملي
انهيءَ جو آئيندو ڏکن ۽ ڪليشن سان ڀريل رهندو.
”نہ نہ ديکهہ ساڌ، سي نہ اجالتا،
ڪرن نہ سنهي نانو، ڪرن مدد کهالتا،
رسنا جهي نہ نام، تل تل کر کتهيئي،
هرهان جب سري گوبندراء، دنو دن گهتيئي.“
(ڦونهي محلا ٥، ص - ١٣٦٢)
(جيڪي اکيون ساڌو مهاتما جو درشن نٿيون ڪن
سي بيڪار آهن؛ جيڪي ڪن انهد شبد کي نٿا ٻڌن
سي ٻوڙا پلا آهن؛ جيڪا زبان نام نٿي جپي لنهڪي نڪر
ڪري ڇڏڻ کپي. پائي! جيڪي گهڙيون تو گوبند
جي ياد ۾ نہ لڳايون سي سڀ وئرت ويئيون.)
سنگوروءَ جي شيوا ۽ شبد آڀياس بنا
زندگي وئرت آهي. اسانکي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ
پرماتما کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ اهو صرف
ستگورو ۽ ڀڳتي ۽ شبد ٻوڪ جي اڀياس دوارا ممڪن
آهي. اهوئي انساني جامي جو اصلي مقصد آهي ۽ جي
پورو نہ ٿيو تہ سمجهو تہ اسانجو اماهہ جيون اجايو
ٿي ويو.

پنهنجي چنايل جيو آتما کي سڃاڻي ٿو ۽ ان کي جمدوتن کان اچائي ڪال جي داڙهن مان ڪڍي ستپرش جي گود ۾ وهاري ٿو.

”جن هرناما هر چيتا،
هردءِ اردهاري،
تن جم نيڙ نه آوئي،
گرسک گر پياري.“
(آسا محلا ۴، ص-۷۲۶)

(جيڪو پريمي نام جو چنتن ڪري انکي هردي ۾ وسائي ٿو تنهنجي نزديڪ جمدوت اچڻ جي جرئت نٿو ڪري. در اصل، اهڙو پريمي ئي گوروءَ جو لاڏلو آهي.)

ستگوروءَ جي پربل روحاني پرڀاءُ ۽ نام جي ڪمائيءَ جي ڪارڻ موت جا فرشتا سندس شيوڪن جي اوڏو اچڻ جي همت ئي نٿا ساري ۽ نڪي اهڙن شيوڪن کي نرڪن جا دک سهڻا ٿا پون.

”جني ستگر سِهه چِت لائيا،
سو خالي ڪوئي ناهِ،
تن جم کي طلب نه هووئي،
نا اوءِ دک سهاهِ.“
(رام کلي وار محلا ۳، ص-۹۵۰)

(جيڪو ستگوروءَ سان پريت ڪري ٿو سو ڪڏهن

کان بچائي ٿو.

"درشن پيکھت پاپ سڀ ناسهه،
هر سنگ ڏيهه ملائي،
ميرا گرو پرميشر سکدائي،
پارٻرهم کا نام درڙائي،
انتي هوءِ سهائي."

(رام ڪلي محلہ ۵، ص-۹۱۵)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ گوروءَ جي درشن ڪرڻ سان منهنجا سڀ پاپ ناس ٿي ويا ۽ هن ڀيهجي ديا سان مونکي هريءَ سان ملايو. منهنجو گورو سکن جو داتا پرميشور آهي. هو اسانکي پارٻرهم جو نام پڪڙائي انت ويلي سهائتا ڪري ٿو.)

ڪامل مرشد جي شيوڪن کي نڪو ڌرمراءِ جي دربار ۾ حساب ڏيڻو ٿو پوي ۽ نڪو جمدوتن جي هٿان عذاب سهڻا ٿا پون.

"جيهہ ڀيٽي لوڙي ٻدهاري،
سو ٻارڪ سنتن دواري."

(آسا محلہ ۵، ص-۳۹۳)

(گرو صاحب فرمائين ٿا تہ جيون هنڌ (شونيتر ۾) [illegible] سنت ئي اچي بچائين ٿا.)

سنگين جي [illegible] نيڪو ڌرمراءِ وٽ نہ ٻلڪ [illegible] سنگ [illegible] انت ويلي سنگورو

ستگورن جو آهي ۽ پريم سان شبد جي ڪماڻي ڪجي ٿي تہ پوءِ ڪو بہ شبہ نہ آهي تہ هن زندگيءَ ۾ ئي پرم ستہ جي پراپتي ۽ هريءَ جو درشن ٿئي ٿو.

در حقيقت ستگورو پڄڻيءَ بنا پرماتما کي پائڻ ناممڪن آهي.

سترسنگيءَ جي هردي ۾ سچي اڪير ۽ گهري پريت اُن وقت جاڳرت ٿئي ٿي جڏهن هو اندر پنهنجي ستگوروءَ جي نوراني سروپ جو ديدار ڪري ٿو.

"هڪ عاقل بقل پئي گر ڏيکي،
هڪ لوٽ پوٽ هوءِ پيئا."

(الاول مجلد ۴، ص-۸۳۶)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ ڀهراڻ مان نهايت چتر ۽ سياڻو هوس پر گوروءَ جو پرڪاش درشن ڪري منهنجو من لوٽ پوٽ ٿي ويو.)

جڏهن پريمي سترسنگي اوچن آلمڪ منڊلن ۾ پنهنجي گوروءَ جي سيتل ۽ نوراني سروپ جو درشن ڪري ٿو تڏهن سندس سڀ عيب، اوڻايون، ڪچايون ۽ ڪمزوريون نڪري وڃن ۽ نرمل ٿيو پوي. پوءِ ستگورو هنجي آتما کي شبد سان جوڙي رستي جا لڪ لنگهائي آخر امرلوڪ ۾ پهچائي ٿو.

انت سمي ستگورو پنهنجي شرڻاڳت جيو جي رکيا ڪري کيس جمدوتن جي ڪشٽن ۽ نرڪ جي اذيءَ

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪو مونکي پنهنجي پرلتر جو پيغام سڻائي ٿو تنهنکي مان ڪهڙي ڀيٽا ڏيان. دل چوي ٿي تہ پنهنجو سر ڪٽي هنجو آسڻ لاهيان؛ ٻاقي ڏڙ سان سندن سيوا ڪريان.)

نانڪ سيوڪ سوئي آکيئي، جو سر ڌري اتار،
ستگر ڪا ڀانا منن لئي، سبد رکي اُرڌار.

(سارنگ وار محلہ ٣، ص-١٢٤٧)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ سچو شيوڪ اهو ئي آهي جو پنهنجو سر اتاري ٿو (خودي ڇڏي ٿو) ۽ هر حالت ۾ ستگوروءَ جي ڀاڻي ۾ رهي شبد کي پنهنجي هردي ۾ وسائي ٿو رکي.)

جي اسانکي هري درشن جي اَبلاکا آهي تہ ستگوروءَ جي اُپديش مطابق شبد يوگ جو اڀياس ڪرڻ کپي.

”تن من ڌن سڀ سونپ گر ڪئہ،
حڪم منئي پائيئي.“

(رام ڪلي محلہ ٣، ص-٩١٨)

(پنهنجو تن من ڌن سڀ گوروءَ کي سونپي سندن حڪم مڃ تہ پرماتما کي اوس پائيندين.)

حڪم جو اَرٿ آهي شبد يا آڪاش واڻي. جڏهن اهو ناد جاڳي اٿا نانا رکجي ٿي تہ سڀ ڪم

ستگروءَ جي شيوا ڪرڻ سان شبد ابياس ۾ من
لڳي ٿو ۽ آخر سهج اوستا جي دائما شانتي ملي ٿي.
”ستگر سيوي تا سهج ڌُن اپجي،
گر مت لدهي پائي.“
(سورٺ محلا ٣، ص-٦٠٤)
(پائي! گوروءَ جي شيوا ڪرڻ سان ئي سهج ڌُن
اندر پرگهٽ ٿئي ٿي ۽ مڪتي ملي ٿي.)
پنهنجي ستگوروءَ جي شيوا ۽ ڀڳتي ڪرڻ سان
اندر ۾ پرڪاش نظر اچي ٿو ۽ مٺين روحاني شبدن
کي ٻڌڻ آتما سڪند ٿيندي ٿي پر هن پريم جي
مارگ ۾ سر جي پيٽا ڏيڻي ٿي پوي.
”جؤ تؤ پريم کيلڻ ڪا چاءِ،
سِر ڌر تلي گلي ميري آءِ.“
(سلوڪ وارن ٿائي وڌيڪ محلا ١، ص- ١٤١٢)
(پائي! جي توکي پريم جي بازي کيڏڻي آهي ته
(اهو پاءِ چوڌي) تو ۾
پنهنجو سر تريءَ تي رکي
منهنجي گليءَ ۾ پير پاءِ.)
”ٿي صاحب کي بات ڄ آکي،
کهو نانڪ کيا ديجي،
سيس وڍي کر، بيسڻ ديجي،
بن سِر سيوَ ڪريجي.“
(وڏهنس محلا ١، ص- ٥٥٨)

٥- سار

١- گورو ڀڳتي

گورو ڀڳتيءَ ٻنا اسين روحاني روشن راهه لهي هڪ وک به ڪٿي ڪين سگهنداسين. گورو ڀڳتيءَ جو مطلب آهي اهو پاڻ ارپڻ ڪري، ٻڌيءَ ۽ عقل ۽ چترائي ڇڏي گوروءَ جي گيان جي اوٽ وٺي. ۽ رکو گوروءَ جي ٻر ساڌ سنگت جي هر ڪار جي شيوا ڪرڻ.

"پاڻي پکا پيس داس ڪي،
لب هوهه نهال."
(بلاول محله ٥، ص - ٨١١)

(هي سنگورو! مان تنهنجي شيوڪن جو پاڻي ڀري، ڪين پکو هڻي ۽ سندن لاءِ اٽو پيهين پاڻکي وڏڀاڳي سمجهندس.)

گوروءَ جي شيوا ڪرڻ سان ٻرڀوءَ جي ٻرسنتا ملي ٿي.

"جو گر ڪڻ جن ٻوجي سيوي،
سرجن ميري ڪَر ٻرڀ پاوي."
(ملار محله ٤، ص - ١٢٦٤)

(جيڪو ٻرامي گوروءَ جي شيوا ۽ ٻوڄا ڪري ٿو - ڪي وٺي ٿو.)

(گرو صاحب فرمائين ٿا ته اي مالڪ! تون اڪال پرش، الک پرش، اگم پرش ۽ نرالو آهين.)

سچکنڊ، الک لوڪ، اگم لوڪ ۽ انامي ديش (جنهنکي سوامي جي مهراج راڌا سوامي نام ڪري سڏيو آهي) در اصل اهي چارئي امر لوڪ جا چار حصا آهن جي پرلئه، مها پرلئه جي اثر کان مٿي آهن. انهيءَ ڪري اسانجو اشٽ هميشه ڪهي آخرين مقام يعني سچکنڊ انامي لوڪ.

۽ هاڻي هر دم ٻين جي انهد ڌنڪار ٻڌي ٿا جي)
انهيءَ ڪري اسانکي اهڙو روحاني رهبر ڪجي ج
اسانکي پرماتما جي سچي نام سان جوڙي اسانجي آتما
کي نج ڌام يعني سچکنڊ پهچائي جتي ٻين جي سرپاي
تان ٻڌي وڃي ۽ ست پرش، جنهنجي هڪ روم جو
پرڪاش ڪروڙين سجن ۽ چندرمائن کان وڌيڪ آهي،
جو هر دم درشن پيو ٿئي.

جڏهن پرلئه ٿئي ٿي تہ اها اوم تائين رچنا ڪي
ڊاهي ٿي ۽ اسانجو هي استول منڊل ۽ انهيءَ کان مٿي
سوکم منڊل ٻئي پرهم جي سماءَجي وڃن ٿا. جڏهن
مها پرلئہ ٿئي ٿي تڏهن سچکنڊ جي هيٺان اهي سڀ
رچنا ناس ٿيو وڃي ۽ ڪال، مها ڪال بہ الوپ ٿيو وڃن.
ست پرش يا نرنڪار کي اڪال ڪوٺجي ٿو ڇاڪاڻ
تہ هو ڪال جي دائري کان مٿي آهي. ست پرش کان
مٿي الک پرش ۽ اگم پرش ۽ آخر ۾ اناميءَ پرش
آهي جنهنکي گورو نانڪ صاحب جن "سواميءَ" يا
نرالو سڏيو آهي.

"اوچ اپار بي انت سوامي."
(بلاول محلہ ٥، ص - ٨٠٢)

"تون اڪال پرک ناهي سر ڪالا،
تون پرک اليک اگم نرالا."
(مارو محلہ ١، ص - ١٠٣٨)

اندر ڪروڙن سورجن جي روشني پرگهٽ ٿي.)
جڏهن ست پرش جي هڪ روم جو پرڪاش ايترو
آهي ته پوءِ هنجي سڄي سروپ جو پرڪاش ڪيئن
ورنن ڪري سگهبو؟

ستگوروءَ جي رهنمائيءَ انوسار شبد جو اڀياس ڪرڻ
سان ساڌڪ آخرين مقام يعني سچکنڊ پهچي ست پرش
جو ديدار ڪري سگهي ٿو. انهيءَ امرلوڪ ۾ بين جي
مڌر ۽ موهيندڙ ڌن هردم پيئي گونجي ۽ جا ساڌڪ
جي آتما کي ست پرش ۾ لين ڪيو ڇڏي.

"بينا سبد وڄاوي جوگي،
درسن روپ اپارا،
سبد اناهد سو سهه راتا،
نانڪ کهي وچارا."
(آسا محلہ ۱، ص - ۳۵۱)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته اي جوڳي! بين جو
شبد وڄاءِ ته توکي ست پرش جو درشن ملي. ڇاڪاڻ
انهد شبد جي اڀياس ذريعي ئي پريوءَ جي پراپتي
ٿئي ٿي.)

"هَرِ کي پريم پگت من ليما،
نم باجي انهت بيدا."

(سورٹ محلہ ۵، ص - ٦٢٢)

(هريءَ جي پريم ۽ ڀڳتيءَ ۾ من لين ٿي ويو آهي

گوروءَ جي مدد ۽ مهر بنا شبد هٿ نٿو اچي سگهي. اهڙو مهاتما ئي اسان کان ڀڄن شبدن جي ڪمائي ڪرائي اسانکي پهچائي پرم پتا ستنام جي گود ۾ وهاري ٿو.

سچ پرش پرم، شانتي ۽ گيان جو اٿاهه ساگر آهي ۽ سندس هڪ روم جو پرڪاش ڪروڙن سجن ۽ چنڊن کان وڌيڪ آهي.

”نام جپت ڪوٽ سور اجارا.“

(جئتسري محلا ۵، ص ۷۰۰)

(نام جپڻ سان اندر ڪروڙن سورجن جو اجالو ٿئي ٿو.)

جڏهن آتما سچکنڊ پهچي ٿي تڏهن هوءَ اهو اٿاهه پرڪاش ڏسي ٿي.

”سچ پرساد ميري اڳر مدورٿ،
ڪر ڪرپا پيٺي ڪٿا تاس،
سانس سهج سوک من اپجئو،
ڪوٽ سور نانڪ پرڪاس.“

(ٽوڏي محلا ۵، ص ۷۱۶)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته سچ ستگوروءَ جي ديا سان منهنجا سڀ مدورٿ پورا ٿيا ۽ هن پهنجي ڪرپا ڪري مونکي ڪل مالڪ سان ملايو. سندن ديا سان مونکي سهج اوستا جو آنند پراپت ٿيو ۽ منهنجي

سمائجو وڃي۔)

اهي پنج شبد اسانجي شرير اندر آهن ۽ پورو گرو انهن جي ڪمائي ڪرائي اسانکي امر لوڪ پهچائي ٿو۔ پرماتما اسان جو پور پتا آهي ۽ آتما انهيءَ جو ٻالڪ۔ هن وقت پتا عرش تي آهي، ٻالڪ فرش تي ليڪن پنجن شبدن جي ڪمائي ڪري سوکير منڊلن کي پار ڪري ٻالڪ پنهنجي پتا جي گود وڃي وسائي ٿو پر اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن گرو ڪرپا ڪري شبد جو ڀيد بخشي۔

” ڏاڍي نگري اوڙ ناتا،
پنج لوڪ وسهه پرڌانا،
اوپر ايڪنڪار نرالم،
سنن سماڌ لڳاتا۔ “

(مارو محلا ١، ص- ١٠٣٩)

(انساني ڏهي ۾ پوڙ آستان آهي جڏهن ٻ پنج لوڪ گپت آهن جن جي چوٽيءَ تي سن سماڌيءَ ۾ ست پرش وٺو آهي۔)

مڌش ڏيهه ۾ ٢٢ شٿون آهن ۽ سچکنڊ سڀ کان ـتي آخرين مقام آهي۔ اتي ستپرش پراجمان آهي جو ي سائجو سچو پتا آهي ۽ سچکنڊ اسان جو سچو گهر آهي۔ ي پهچي آتما موهه ۽ مايا جي اگيان، ڪرمن ۽ چوراسيءَ ي چڪر کان مڪت ٿي ويي۔

سماٺجي ٿي.
... جي ٻڌڻ سان جيو آتما پرماتما ۾ سمائجي ٿي.
... سنت ايپاس ذريعي پاڻڪي انهن پنجن شبدن ۾
... ڌب ڪنتا ۽ ستگورو انهن شبدن جو ڌيهه سروپ
... هي. انهيءَ ڪري گوروءَ جو ڌيان آهي پنجن شبدن
... پرميشور جو ڌيان.

”پنج پروان پنج پردانُ،
پنجي پاوهه درگهه مانُ،
پنجي سوههه در راجان،
پنجا ڪا گُرُ ايڪ ڌيانُ.“
(جپ صاحب محلہ ۱، ص-۳)

(پنج شبد پريوءَ ياڻ منظور ڪيا آهن ۽ اهي پنج
ئي پردان شڪتيون آهن جن جو مالڪ جي درگاهه ۾
مانُ آهي ۽ انهن پنجن جو ڌيهه سروپ آهي ستگورو.)
گورو پنجن شبدن جو مقناطيسي مرڪز آهي ؛
هنجي سروپ جو ڌيان ڪرڻ سان اسين پنجن شبدن
کي پڪڙي سگهون ٿا. پنجن شبدن جي
ڪمل ڪماڻي ڪرڻ بنا ڌردام پهچڻ ناممڪن آهي.

”رسِ رسيا مهه اڪي ياهه،
لخت نواسي پنج سماءِ.“
(آسا محلہ ۱، استپدبان گهر ۲ ص- ۴۱۱)

(آتما شبد جو رس پائي انهيءَ سان ملي هڪ ٿئي
... لخمه لي واهي پنجن شبدن ۾

”پرڀ مستڪ ڌر ليکيا،
گرمتي هر لو لائيو،
پنج سبد دڪ هه راجيا،
هر ماٿو مڱل گائيو.“
(مالي گؤڙا محلو ۴، ص-۹۸۵)
(گورو صاحب فرمائين ٿا ته منهنجي ڌرمستڪ ۾
پرڀوءَ اهو لکيو آهي ته تون پوري گوروءَ کي پائي
مون وٽ ايندين. منهنجي دربار جي پنجن شبدن جو
مڱل گيت پڌي مون ۾ سمائجندين.)
مالڪ جي آڳي مهر سان ڪامل مرشد ملي ٿو جو
شبد جي ڪمائي ڪرائي درجي بدرجي اندر جا اک
لڳائي رستي ۾ پنج شبد سروڻ ڪرائي آخر سچکنڊ
پهچائي نرنڪار ۾ لين ڪري ٿو ڇڏي.
”پنجي سبد وجي مت گرمت،
وڏ ڀاڳي انهد وڄيا.“
(ڪانڙي ڪي وار ص-محلو ۴، ۱۳۱۵)
(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن منهنجي گوروءَ
مونکي پنجن شبدن جي ڪمائيءَ جو ڀيد بخشيو ته
منهنجي ڪرپا سان ڪمائي ڪئي ۽ منهنجي اندر شبد
گونجڻ لڳو.)
شبد ته هڪ آهي ليڪن انهيءَ جا پنج مختلف
آواز آهن جي ست پرش جي ظهور جا سروپ آهن ۽

جن جي ملڻ سان جيو آتما پرماتما ۾ سمائجي ٿي.
ست ايپاس ذريعي پاٺڪي انهن پنجن شبدن ۾
جذب ڪندا ۽ ستگورو انهن شبدن جو ديه سروپ
آهي. انهيءَ ڪري گوروءَ جو ڌيان آهي پنجن شبدن
۽ پرميشور جو ڌيان.

”پنچ پروان پنچ پردان،
پنچي پاوهہ درگهہ مانُ،
پنچي سوهه در راجان،
پنچا ڪا گُرُ ايڪ ڌيانُ.“

(جپ صاحب محلہ ١، ص-٣)

(پنچ شبد پريوءَ پاران منظور ڪيا آهن ۽ اهي پنج
ني پردان شڪتيون آهن جن جو مالڪ جي درگاهہ ۾
مانُ آهي ۽ انهن پنجن جو ديه سروپ آهي ستگورو.)
گورو پنجن شبدن جو مقناطيسي مرڪز آهي ۽
هنجي سروپ جو ڌيان ڪرڻ سان اسين پنجن شبدن
ڪي پڪڙي سچکنڊ پهچي سگهون ٿا. پنجن شبدن جي
ڪمل ڪمائي ڪرڻ بنا ڌردام پهچڻ ناممڪن آهي.

”رَسِ رسيا مَن اڪي ياهہ،
نخت نواسي پنچ سماء.“

(آسا محلہ ١، استپديان گهر ٢ ص-٤١١)

(آتما شبد جو رس پائي انهيءَ سان ملي هڪ ٿي
۽ سچکنڊ جي نخت لي واهي پنجن شبدن ۾

پڄڻ جو مون ۾ واسو ٿيو آهي ۽ پنج مون مان نڪري
ويا آهن. ڀائي! اهڙيءَ طرح منهنجو گهر (شرير) وسيو
آهي. منهنجي درمت ناس ٿي ويئي آهي ۽ گوروءَ
جو گيان منهنجي من ۾ استر ٿيو آهي.)

جڏهن ساڌڪ جي اندر پنج شبد گونجڻ لڳن ٿا
تڏهن پنجئي وڪار خود بخود ختم ٿيو وڃن. دراصل
انسان جي سڀني ڪمين ۽ ڪمزورين جو واحد علاج
آهي پنجن شبدن جي ڪمائي.

”پنج سبد تر ماٹل باجي،
ڏلڪي چوَر سنک گهن گاجي.“
(رام ڪلي بيڻي جي، ص-٩٧٤)

(بيڻي صاحب فرمائين ٿا ته مهنجي اندر پنج شبد
وڄا، چوَر جهليو، سنک ۽ بادلن جي گرجنا ٿي.)

جن وڏڀاڳي جيو آتمائن جي ڌرمستڪ ۾ ڀاڳيو اهو
ام ليکـ، لکي ٿو سيئي پوري گوروءَ کي پائي پنجن
شبدن جي ڪمائي ڪري ذر ذام پهچن ٿا.

”جيڪي پرميشور جا منظور نظر آهن
ي ئي ڪيس لهن ٿا.“

عيسائي مسيح شبد کي ”Word“ يا ”Holy Ghost“
ـما کي ”Son“ ۽ پرماتما کي ”Father“ ڪري
ٿو آهي.

انهن ۾ چڙهي سگهجي ٿو ته سچکنڊ تائين پهچڻ ۾ شبد مڪمل ٿيو وڃن. جنهن گرمک جي اندر اهي پنجئي شبد پرگهٽ ٿيا آهن سو نهايت وڏ ڀاڳي انسان آهي ڇاڪاڻ ته هو آخرين منزل انوا ستنام ۾ سمائجي ويو آهي.

"واجي پنج سبد تِسُ گهر سڀاڳي."

(رام ڪلي محله ٣، انند ص - ٩١٧)

(ڌن اها ديهه (گهر) آهي جنهن جي اندر پنج شبد سدائين پيا وڄن.)

انهن پنجن شبدن کي صرف شبد ابياس ذريعي ٻڌي، پنجن وڪارن يعني ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ۽ اهنڪار کي ڪيڏو آهي. اهو ئي طريقو سچکنڊ پهچڻ جو آهي. سو ڪيمر مدبل ۾ انهن پنجن ئي وڪارن جون شڪليون آهن ۽ نيڪن ٻالڪن جي روپ ۾ اندر نظر اچن ٿا. ڪبير صاحب پنهنجي باڻيءَ ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

"پنج مداني پنج رساني،
پنج وساني پنج گواني،
ان پد نگرُ وُنا ميري باني،
دُرَسَ ڪيا گُر گمان درزاني."

(آسا محله ٥، اشٽپديان ص - ٤٣٠)

(گرو صاحب فرمائن ٿا ته پنجن (شبدن) کي موت ڄاڻو آهي ۽ پنجن (وڪارن) کي رساڻو آهي.

"انسي ڪنگري وڄاءِ جوڳي،
جت ڪنگري انهد واڄي،
هر سِڻُ رهي لِوَ لاءِ."
(رام ڪلي محله ٣، اشٽپديان، ص - ٩٠٨)

(اي جوڳي! ٻاهرين ڪنگري وڄائڻ ڇڏي، اهڙي اندرين ڪنگري وڄاءِ جا انهد روپ ۾ هردم پيئي وڄي ۽ جنهن ذريعي هريءَ سان لنو لڳي ٿي.)

اهو ڪنگري ۽ سارنگيءَ جو منوهر سنگيت قدرتي آهي ۽ هردم خود بخود پيو ٿئي.

"ٻن وڄائي ڪنگري واڄي جوڳي،
سا ڪنگري وڄاءِ.
ڪهي نانڪ مڪت هو وهه جوڳي،
ساچي رهي سماءِ."
(رام ڪلي محله ٣، اشٽپديان ص - ٩٠٩)

(جوڳي! تون اها ڪنگري وڄاءِ جا ٻاهرادو پيئي وڄي ته توکي موکش پراپت ٿئي ۽ تون پرماتما ۾ سمائجي وڃين.)

شبد مارگ، شو نيتر کان شروع ٿئي ٿو ۽ سچکنډ تائين وڃي ٿو. انهيءَ رستي ۾ پنج ديش اچنتا جن مان هرهڪ کي نيارو شبد آهي. انهيءَ کري ڪامل فقيرن پنجن شبدن جو ذڪر ڪيو آهي جن کي پار ڪري پوءِ ئي نج نام يعني سچکنډ پراپت ٿئي ٿو.

"نانڪ جيوئڻا مر رهيئي ،
انسا جوڳ ڪمائيئي،
واڄي ٻاڄهه، سڱي واڄي،
لهه نرڀئه پد پائيئي."

(سوهي محلا ١، ص- ٧٣٠

(گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اي سادڪ
اهڙي جوڳ جي ڪمائي ڪر جنهن دوارا جيئري
موت ٿئي ۽ ٻاهرين سازن جي وڄائڻ کي ڇڏي تون
اندروني "سڱي" وڄاءِ ته توکي نرڀئه پد پراپت ٿئي.)

جهڙيءَ طرح ڪرياسد ۾ گهنٽي ۽ سنک جي ڌن
آهي ۽ برهم جي ڪارڻ منڊل ۾ بادلن جي گرجنا ۽
نغاري جو آواز پيو اچي ليئن پار برهم ۾ ڪنگري ۽
سارنگيءَ جي اڏيت ڌن هردم پيئي گونججي.

"گهٽ گهٽ واڄي ڪنگري،
اَن دن سبد سڀاءِ."

(سري راڳ محلا ١، ص- ٦٢)

(هر هڪ انسان جي مستڪ ۾ اٺئي پهر ڪنگري
پيئي وڄي جنهنکي شبد ابياس ذريعي ٻڌي سگهجي ٿو.)

جڏهن ابياسي پنهنجي اندر ڪنگري ۽ سارنگيءَ
جي مڌر ڌن ٻڌي ٿو تڏهن آتمڪ گيان دوارا هڪي
پنهنجي آتما [illegible] پرماتما جي لڪ ٿي ٿئي ۽ [illegible]
۽ فرق الهن ٿئي ٿي.

"انسي ڪنگري وجاءِ جوڳي،
جت ڪنگري انهد واڄي،
هر سڻ رهي لو لاءِ."

(رام ڪلي محله ٣، اشٽپديان، ص - ٩٠٨)

(اي جوڳي! ٻاهرين ڪنگري وڄائڻ ڇڏي، تون اهڙي اندرين ڪنگري وڄاءِ جا انهد روپ ۾ هردم پيئي وڄي؛ جنهن ذريعي هريءَ سان لنو لڳي ٿي.)

اهو ڪنگري ۽ سارنگيءَ جو منوهر سنگيت قدرتي آهي ۽ هردم خود بخود پيو ٿئي.

"بن وڄائي ڪنگري واڄي جوڳي،
سا ڪنگري وجاءِ.
ڪهي نانڪ مڪت هو وهه جوڳي،
ساچي رهه سماءِ."

(رام ڪلي محله ٣، اشٽپديان ص - ٩٠٩)

(جوڳي! تون اها ڪنگري وڄاءِ جا ٻاٽمراد و پيئي وڄي ته توکي موڪش پراپت ٿئي ۽ تون پرماتما ۾ سمائجي وڃين.)

شبد مارگ، شو نيتر کان شروع ٿئي ٿو ۽ سچکنڊ تائين وڃي ٿو. انهيءَ رستي ۾ پنج ديش اچن ٿا جن مان هرهڪ کي نيارو شبد آهي. انهيءَ ڪري ڪامل فقيرن پنجن شبدن جو ذڪر ڪيو آهي جن کي پار ڪري پوءِ ئي نج ڌام يعني سچکنڊ پراپت ٿئي ٿو.

ٻ رسي ٻر اچي نو،

"اڪ ڪوسرو سڌ ڪرسي لعل،

لب چتر پانڊو آڱسو."

(سورٺ محلا ٥. ص-١٣٤)

(جڏهن ٻهرنين پد کي طئه ڪجي ٿو ته ٻوءِ ال، رنگ جو چار دل ڪنول نظر اچيٿو.)

اوم يا برهم پد جو پرڪاش اال آهي ۽ اِلي جي ڪنول جون جهڪي چار پنکڙيون آهن انهيءَ مان ئي چار ويد ۽ رشين جا چار "مها واڪ" الهن نهاء

برهم کان مٿي سنتن جي راهه پر ٽيون پد پار برهم جو آهي. جنهنکي گورو صاحب امرتسر ٻه ڪونيو آهي چاڪاڻ ته اِلي امرت جو سرور آهي. اِلي جو مالڪ پرماتما جو نرمل سروپ آهي جنهنکي گورو صاحب "رانگ" يا "راراءِ" ڪري سڏيو آهي. انهيءَ کان هيٺ سڀ رچنا مٿي جو عڪس آهي.

"راري روپ نرالم ٻنا،

ندر ڪري وچ چانيا."

(آسا محلا ١، ص-١٣٥١)

(پار برهم جو مالڪ راراءِ آهي، اُتي نرمل آهي ۽ ڪائنس هيٺ جيڪا رچنا جاڙا سمان آهي انهيءَ لـي ٻهيجي ديا دوشتي ڪيو وجهي.)

اوم يا برهم لاثمن انهيءَ ماڻا جي حد آهي ۽ انهيءَ

کان مٿي من ۽ مايا جو اثر نہ آهي. پار برهم جو پرڪاش پورنماسيءَ جي چندرما جهڙو آهي پر هزار ڀيرا زياده پرڪاشوان.

انهيءَ اُتي نرمل منڊل ۾ پهچڻ کان اڳ، نرنجن جو سوکيم منڊل جتي پرڪاشيہ گگن ۽ اکنڊ جوت آهي ۽ برهم جو ڪارڻ ديش جتي لال سورج جو پرڪاش آهي، رستي ۾ اچن ٿا پر انهن من ۽ مايا جي ديشن کي پار ڪرڻ لاءِ پوري گروءَ جي رهبري ۽ سهائتا بلڪل ضروري آهن.

"ستگر ملهہ پرب تاري،
سس گهر سور ديپڪ گهداري."

(مارو محلہ ١، ص - ١٠٤١)

(ستگروءَ جي ملڻ سان پربو پاڻ مڪتي ڏئي ٿو ۽ جڏهن پار برهم جو چندرما اندر نظر اچي ٿو تڏهن (برهم جو) سورج ۽ (نرنجن جي) جوت بوتي رهجي وڃن ٿا.)

مٿين چيتن ۽ روحاني ديشن جي چڙهائيءَ لاءِ گهران جيڪڏي ٿي مرڻو پوندو آهي يعني پهرين جيتن دارا کي ساري سرير مان هٽائي اکين جي پويان ايڪاگر ڪرڻو پوندو آهي ۽ انهيءَ ايياس جو طريقو شبد يوگ مهاتمائون سيکاريندا آهن.

ڪارڻ ڏيش رستي ٻراچي ٿو.

"ايڪ ڪوسرو سڌ ڪرت لعل،
تب چٽو پائرو آئيو."

(سورٺ محلا ٥. ص - ٦٢٤)

(چڙهي ٻهرنين پد کي طئه ڪجي ٿو تہ ٻوء الال رنگ جو چار دل ڪنول نظر اچي ٿو.)

اوم يا برهم پد جو پرڪاش لال آهي ۽ الي جي ڪنول جون جيڪي چار پنکڙيون آهن انهيءَ مان ئي چار ويد ۽ رشين جا چار "مها واڪ" الهن نهاه

برهم کان مٿي سنتن جي راهہ ۾ ٽيون پد پار برهم جو آهي. جنهنکي گورو صاحبن امرتسر بہ ڪوٺيو آهي چاڪاڻ تہ الي امرت جو سرووَر آهي. الي جو مالڪ پرماتما جو نرمل سروپ آهي جنهنکي گورو صاحبن "رارنگ" يا "راراء" ڪري سڏيو آهي. انهيءَ کان هيٺ سڀ رچنا مٿي جو عڪس آهي.

"راري روپ نرالم ڀٽنا،
نُدَرِ ڪري وچ چانيا."

(آسا محلا ١، ص - ٣٥١)

(پار برهم جو مالڪ راراء آهي، اُلي نرمل آهي ۽ ڪائنس هيٺ جيڪا رچنا چايا سمان آهي انهيءَ لئي پرهجي ڏيا ڏرشٽي پيو وڃهي.)

اوم يا برهم تائين انهيءَ چايا جي حد آهي ۽ انهيءَ

جو آڪاش منڊل ۽ سج، چنڊ ۽ تارا ڏنا ۽ انهد شبد
ٻڌو ته ڌهن فرمايائون ته اهائي پرماتما جي سچي
آرتي ۽ اپاسنا آهي.

”گگن مي ٿالُ رَوِ چند ديپڪ بني،
تارڪا منڊل جنڪ موتي،
ڪيسي آرتي هوءِ ڀوکنڊنا تيري آرتي،
انهتا سبد واجنت ڀيري،
سَهَس تَوَ نئن نَه نَه نئن هي توهه ڪئن،
سهس مورت ننا ايڪ توهي.“

(ڌناسري محله ۱، آرتي ص-٦٦٣)

(گگن روپي ٿالهه ۾ سج ۽ چنڊ جا ڏيئا آهن ۽ تارا ماڻڪن سمان آهن. اها ٿي ٿئي پرماتما جي هڪ انوکي آرتي آهي. انهد شبد ڀيري (ساز) وانگر پيو وڄي. اي پرماتما! توهانجون جيتوڻيڪ هڪ هزار اکيون ۽ هڪ هزار مُک نظر اچن ٿا پر توهان هوندي به توهانجو روپ انهيءَ کان نيارو آهي.)

هيءَ سڀ رچنا انساني قالب جي اندر آهي ۽ جيڪو پرماتما جو پيارو پنهنجي سرت کي نون دوارن مان ڪڍي اندر انهد شبد سان جوڙيندو سو اها اکنڊ آرتي ڪندو. ويدن ۾ به انهيءَ آرتيءَ جو ذڪر آهي ۽ لکيل آهي ته پرماتما کي سهس مک ۽ سهس نيتر آهن.

ترپاپد کي جڏهن پار ڪجي ٿو ته پوءِ برهم جو

روشنيون نه نظر اچن ٿيون جن جي ذريعي اندرين سوکيم رچنا پسجي ٿي ۽ آد پانه ڪ گيان پراپت لڀي ٿو.

سهسدل ڪنول ترڪٽيءَ جو هيٺ ڪوانر آهي ۽ اتي جوتي سروپ پگوان جا درشن، پرماتما جو سوکيم روپ آهي.

"ڪالي ڪَوَلُ نرنجن جاڻي،
اوجهي ڪرمُ سبدپڇاڻي."

(مارو محل ١، ص - ١٠٤٠)

(شيام ڪنج ۾ نرنجن جو نواس آهي ليڪن جڏهن ڪُل مالڪ ڪرپا ڪري ٿو تڏهن شبد اڀياس ذريعي انجو درشن ٿئي ٿو.)

انهيءَ شيام ڪنج جون چاڪان ته هزار پنکڙيون آهن انهيءَ ڪري انکي سهسدل ڪنول به چئجي ٿو. اتي گهنٽي جي اکنڊ ڌن هر دم پيئي گونجي.

"گهنٽا جا ڪا سنيئي ڇُهُ ڪُنتَ."

(آسا محل ٥، ص - ٣٩٣)

(اتي گهنڊ جو آواز چئني طرفن کان پيو گونجي.)

گهنٽي جي ڌن ۾ آتما کي مٿي ڇڪڻ جي شڪتي آهي.

خواجه حافظ به پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿو ته اجا ته پريتم جي گهر جو پتو ڪونه ٿو پوي ليڪن اهو ضرور آهي ته اتان گهنٽي جي گونج اچي پيئي.

جڏهن گورو نانڪ صاحب پنهنجي اندر ترڪٽيءَ

پنهنجي گوروءَ جا چرن ڪنول آيا، ۽ جوت پرگهٽ
ٿي ۽ پوءِ پيارو پرماتما مليو.)

انهيءَ سوکيم جوت جو درشن صرف ستگوروءَ جي
بخشيل نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو.

"ڪر ڪرپا جنهه ستگر مليو،
من مندر مهه ديپڪ جليو."

(گوڙي ڳٺاربري محلہ ۵، ص - ۲۳۵)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهن پرماتما جي ڪرپا
سان ستگورو مليو تڏهن مندر ۾ ديپڪ جو اجالو ٿيو.)

پرماتما ۽ ستگوروءَ جي خاص ڪرپا انهيءَ پرڻيءَ
تي ٿئي ٿي جو شبد ابياس دل وجان سان ڪري ٿو
۽ پوءِ جڏهن هنجي ڏيہ درشٽي کلي ٿي تڏهن ٿي
هو پريتم جو پرڪاش ڏسي ٿو.

"ديپڪ سبد وگاسيا،
رام نام اجيارُ."

(سري راگ محلہ ۱، ص- ۵۴)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهن رام نام دل ۾
وسايم ۽ شبد کي سروڻ ڪيم تڏهن جوت جو پرڪاش
پرگهٽ ٿيو.)

انهد شبد مان ٿي سڀ اندروني پرڪاش پيدا ٿئي
ٿو. انهيءَ ڪري جڏهن سادڪ انهيءَ الاهي گيت
کي پنهنجي اندر ٻڌي ٿو تہ هنکي نانا پرڪارن جون

ذريعي ستنم جي سوجهي ٻوي ٿي.)

اها سڀ پرڪاشمي رچنا انسان جي اندر آهي ۽ پوري گوروءَ کان شبد جو ڀيد وٺي ۽ انجي ڪمائي ڪري پنهنجي اندر سوکيم منڊل ۾ ڏسي سگهجيٿي.

اهي درشيه ۽ روحاني راهه جا شروعاتي ڪان شروع ٿي سچکنڊ پهچي ٿي، انهيءَ جي شروعات ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر انهيءَ لاءِ پورن ستگرو جي ديا ۽ سهائتا اهم ضروري آهن. هي عقل ۽ چترائي جو مضمون ناهي.

"نرمل دامن جنهن چمڪ چندائن دپکي،
اهس جوت نرنتر پيکيءَ."

(مارو محلا ١، ص ١٠٤١)

(ساڌڪ پوءِ اندري ۾ ڄڄ جهڙا چمڪاٽ، چنڊ جي سيتل روشني ۽ رات ڏينهن اکنڊ جوت پنهنجي اندر ڏسي ٿو.)

انهيءَ جوت کي "جوتي" يا "جوتي سروپ ڀڳوان" ۾ سڏجي ٿو. اها جوت اهڙي ته منوهر آهي جو انکي ڏسڻ سان من محو ٿيو وڃي. انهيءَ جون هڪ هزار پنکڙيون آهن ۽ اهي هيٺين رچنا جو آڌار آهن.

اهو سهسدل ڪنول پرماتما جو سوکيم روپ آهي.

"چرن ڪمل رت انتر ڌاري،
پرگٽي جوت ملي رام پياري."

(آسا محلا ٥، ص ٣٧٥)

(گرو صاحب فرمائين ٿا ته پورن منهنجي اندر

ٽارو نظر اچي ٿو.

” ٽارا ڇب ٿا لڳما،
ڪم ندر نهالتا رام،
سيوڪ پور ڪرنما،
ستگر سبد دکالتا رام.“

(نکاري محلہ ا، ص-١١١٠)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ منهنجي اندر ٽارو چمڪڻ لڳو آهي. پرماتما جي ڪرپا ۽ ستگروءَ جي دیا دوشٽيءَ سان شبد ايياس ذريعي اهو نظر آيو.)

حضرت ابراهيم جو ڪلام آهي تہ هن پڻ اهو ٽارو ڏٺو ۽ جيڪو پريمي ساڌنا ڪري اندر ويندو انهيءَ کي اهو ٽارو ڏسڻ ۾ ايندو.

انهيءَ ٽاري کان پوءِ پيا ٽارا ۽ ٽارامنڊل نظر اچنا.

ان کان پوءِ سورج ۽ چنڊرما ۽ پوءِ اشٽ دل ڪنول ۾ گوروءَ جي پرڪاشوان سروپ جو درشن ٿئي ٿو.

پوءِ ڪنول نظر اچي ٿو جنهنجون پنکڙيون کلن ٿيون ۽ روشني ڦهلائين ٿيون جنهن ذريعي اندر جي لهلا نظر اچيٿي.

” پگسي ڪمل ڪرن پرگاسي،
پرگٽ ڪر ديکائتا.“

(مارو محلہ ٣، ص-١٠٦٨)

(ڪنول کلي ٿو ۽ انهيءَ جي پرڪاش جي ڪرڻن

[illegible] نيست [illegible] بسماني،

[illegible] سڪ [illegible] جيئَ،"

[illegible] جلد ١، ص-٥٩٩

[illegible] درشن لئي [illegible]
[illegible] تي جيهن ۾ [illegible]
[illegible] سڪ برابر ٿئيتو،
[illegible] اگهڙو آهي؟ فيلسوف
[illegible] ڪن ۾ سنتن جو
[illegible] برهما جو ساڪيامن
[illegible] ۾ برابر عقل [illegible]
[illegible] گوروءَ جي ڪرپا سان
[illegible] لڳن ٿا ته پوءِ هو
[illegible] برهما جو درشن
[illegible]

[illegible] الڪ [illegible]،

[illegible] آڪي."

[illegible] وار جلد ٣، ص-٥٨٧)

[illegible] اگهڙو الڪ آهي سو گرمڪ
[illegible]

([illegible] نوٽ)

[illegible] لڪي ني للذهن
[illegible] جي ورتي ايترن ۾
[illegible] ڪوتلن جهڙي روشني، پوءِ اجاي
[illegible] جهڙو پرڪاش ؟ انهيءَ کان پوءِ [illegible]

گرو جيترو ٽيڪ ڏسڻ ۾ انسان ٿو اچي پر درحقيقت هو مٿين مڏن جو رهواسي آهي جتان لهي هو ديهه ۾ روزمره اچي ٿو. انهيءَ لاءِ نه هو اسان پاپيل جيون کي مالڪ جي راهه ۾ لڳائي سگهندڙ پهچائي. اندر وڃي پروڙ پوي ٿي ته ستگورو مالڪ جو ئي پيو روپ آهي.

جسماني اکين سان پورڻ کي پسڻ ناممڪن آهي صرف آتماجي گيان روپي نيترن سان ئي هنجو درشن ڪري سگهجي ٿو.

"ڪهُه نانڪ هر سڱه مَن مانيا،
سو پرڀُ نئنين ديکيا."
(آسا محل ۵، ص- ۴۵۲)

(گرو صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن مون پنهنجي اکين سان پرڀُم جو درشن ڪيو ۽ هنجي چرنن ۾ واسو مليو تڏهن ئي مونهنجو من ترپت ٿيو.)

عام چيو ويندو آهي ته پرماتما کي ڏسي نٿو سگهجي. جيتري قدر جسماني اکين جو تعلق آهي اهو بلڪل صحيح آهي پر آتما جي اندروني گيان چڪشو سان سندن پريوڻ جو ديدار ڪيو آهي ۽ جيڪو پرمهي سندن سهائتا ولي نام جي ڪمائي ڪندو سو به اهو مشاهدو ماڻيندو ۽ پوءِ سندس سڀ ڏک ۽ ڏاکڙا وسري ويندا.

جڏهن ورشا ٽيڻ جو وقت اچي ٿو ۽ آڪاش ۾ بادل ئي ڦري اچن. اهڙيءَ ريت جڏهن پرماتما ڪنهن جيو آتما کي من ۽ مايا جي مها ڄار مان ڪڍڻ ٿو چاهي ۽ هن جو ميلاپ پوري سنت ستگوروءَ سان ڪرائي ٿو جو وري پنهنجي ديا دِرشٽيءَ سان هن کان شبد اڀياس ڪرائي سندس وچڙايل آتما کي شبد سان جوڙي انهيءَ امر لوڪ ۾ پهچائي ٿو، جتي اکنڊ شانتي ۽ امرت آنند آهي.

شل پرماتما اسانکي پوري سنت ستگوروءَ جي شرن بخشي ڇاڪاڻ جو اهڙي مهاتما ۾ ئي پريوءَ جو نور چمڪي ٿو. شل اسانجي رکين دلين ۾ پنهنجي ستگوروءَ جي لاءِ پريم ۽ شردا جون پاونائون اڀرن تين ۽ اسين سندس حڪم جي پوري اپاوري ڪندا رهون!

[illegible]

[illegible] ٢٧٩

[illegible] كري

[illegible]

[illegible] عرك

[illegible] مان

[illegible] بوري

[illegible] شبد

[illegible] انهد

[illegible] كڏهن

[illegible] بوك،

[illegible] كرم

[illegible] لسر

[illegible] سكهي.

[illegible]

[illegible] جيون كسي ذر ذام

[illegible] جو سوكير منبل،

[illegible] جو كارنا معلل

[illegible] آدك بوكيشورن

[illegible] جوراء كرشن

[illegible] جي منبدان

[illegible]

ٻوري سنت جي اوٽ وٺڻ کان سواءِ هن ڀيانڪ ۽ اٿاهه مايا جي مهراڻ کي پار ڪرڻ محال آهي. اهڙي ٻورن پرش جي ست سنگ ۽ وچن سان من نرمل ۽ مهين ٿي پار پوڻ جي قابل ٿئجي ٿو.

اسين عام طور من جي ميل لاهڻ لاءِ تيرٿ ڪيا پيٺيون ٿا پر اسان کي اها ٻوجهه ڪانهي ته اهي پوتر نديون ۽ سرووَر به سنتن جي چرن رج لاءِ پيئون سڪن.

" گنگا جمنا گوداوري سرسُتي،
ٿي ڳڙهه ادم دور ساڌوڪي تائي."

(ملار محلہ ۴، ص ـ ۱۲۶۳)

(گنگا، جمنا، گوداوري ۽ سرسوتي سڀ پورڻ ساڌوءَ جي چرن ڌوڙ لاءِ پيئون تڙپن.)

انهن ندين ۽ سرووَرن جو پاڻي اسانجي شرير کي صاف ڪري سگهي ٿو پر من جي ميل کي نه. اها شڪتي ساڌوءَ جي چرنن جي ڌوڙ ۾ آهي جا ايپاس دواران گرپاپد ۾ پهچڻ سان ملي ٿي. چرن ڌوڙ جو مطلب آهي سنتن جي اندروني نوراني سروپ جي چرنن جو پرڪاش.

نديا هڪ مهاپاپ آهي ۽ نندڪ جو نستارو آڻي ڪٺن آهي پر سنت اهڙا ديالو آهن جو هو پنهنجي پوتر پرڀاوَ ذريعي اهڙي جيو جي اها گندي عادت ڇڏائي سندس هردو شردا ۽ پريم سان ڀري ٿا ڇڏين.

کن ماڻهن جو زور ڪيرتن تي هوندو آهي ۽ هو شبد ڳائڻ ۽ ساز وڄائڻ کي ئي ڪيرتن سمجهندا آهن پر گورو صاحبن جو اپديش آهي ته انهد شبد جو رات ڏينهن اسان جي اندر گونجي پيو انهيءَ کي ٻڌڻ ئي ڪيرتن آهي. انهيءَ سچي ۽ اکنڊ ڪيرتن جي سوجهي صرف ڪنهن ڪامل مهاتما جي سنگت ۾ ملي ٿي.

"اکنڊ ڪيرتن تِن ڀوجَن چورا،
ڪهه نانڪ جِس ستگر پورا."

(گوڙي محله ۵، ص - ۲۳۶)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته جنهنکي پورو ستگورو ملي ٿو سو اکنڊ ڪيرتن روپي سوادي ڀوڄن کائيٿو.)

گورو جهاز جي مثل آهي جو اسانکي موهه ۽ مايا روپي ڀوساگر مان پار لنگهائي ٿو.

"پَتَنِ ڪوڪي پاتڻي،
وَنجهُه دڙڪ ولار،
پار پوندري ڊِس ميءِ،
ستگر بوهِت چاڙ."

(مارو محله ۱، ص - ۱۰۱۵)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته ستگورو هن ڀوساگر ۾ نام جو جهاز ولي هوڪا ٿو ڏئي ته پاڻي ٻوڙي اچي جهاز تي سوار ٿيو ۽ جيڪي خوش قسمت انهيءَ تي سوار ٿين ٿا سي پار پهچي وڃن ٿا.)

”گُر سيوا بن گهور انڌارو،
بِن گُر مگ نہ پائي.“
(گوڙي پوربي چهنت محلہ ٣، ص-٢٤٤)

(گروءَ جي سيوا بنا اندر جو گهور انڌيرو هٽي نٿو ۽ نڪا راهہ تي هٿ اچي.)

حقيقت ۾ گروءَ شبد ٻئي هڪ آهن پر انهيءَ راز جي پروڙ مٿين روحاني معنلن تي پهچڻ سان پوي ٿي. گروءَ پرماتما جو اصلي روپ شبد آهي انهيءَ ڪري پراڻي تائين پهچڻ لاءِ نٿي سگهي، ڏاڪا آهن، گور ڀڳتي، نام ڀڳتي ۽ پريم ڀڳتي.

”هر سچا گُر ڀڳتي پائيئي،
سهجي مَنِ وساونڻا.“
(مانجهہ محلہ ٣، ص-١١٦)

(سچو پريتم گرو ڀڳتيءَ ذريعي پائجي ٿو ۽ پوءِ من ۾ سدائين سهج اوستا ۾ رهي ٿي.)

گرو ڀڳتيءَ بنا خودي ختم نٿي ٿئي ۽ جيستائين خودي ۽ اهم ڀاوُ موجود آهن تيستائين شبد اڀياس ڪڏهن مڪمل نٿو ٿئي ۽ جي گرو مدد جو هٿ نہ ڏکيڙي تہ جيوءَ جي طاقت نہ آهي جو شبد کي پڪڙي نرواڻ پد حاصل ڪري سگهي. انهيءَ ڪري آتمڪ جاڳرتيءَ لاءِ گور ڀڳتي اهم ساڌن آهي ۽ انهيءَ ساڌن دوارا ئي موکش حاصل ٿي سگهندو.

چڪرن ۾ ڪرڻ مثال طور سون اوستا ۾ خيال ڳلي
رهي ٿو ۽ ڳهري ننڊ ۾ هردي ۾. ستگورو جسماني
طور سمهيل نظر اچيٿو مگر هنجي آتما شبد روپي الاهي
لهر کي پڪڙي روحاني ديش ۾ وڃي ٿي ۽ آتما جي
اهڙي روحاني چڙهائيءَ جي سادنا هو پنهنجي شش
کي ۾ سيکاريٿو.

”اوهه جاڳت رهي نه سوئي ڏيسهه،
سڱت ڪل تاري ساچ پرسهه.“

(مارو محل ١، ص ـ ١٠٢٥)

(ستگورو ڪڏهن به ڪونه ٿو سمهي هـوانٿي پر
جاڳي ٿو ۽ پنهنجي ستسنگين ۽ سدن سيوڪن کي نام
دان ڏيئي پوساگر مان پار اڪاري ٿو.)

نام ۽ شبد ۽ باڻي سڀ هڪ ئي شڪتيءَ جا نالا
آهن. جنهنکي انهد شبد يا الاهي گيت سڏجي ٿو ۽
انهيءَ جي ابياس کي سرت شبد يوگ چئجي ٿو. سرت
جي معنيٰ آتما ۽ شبد جو مطلب آهي ڌن آتمڪ شبد
۽ انهيءَ ابياس ذريعي آتما کي ڌن آتمڪ نام سان
جوڙڻ جي سادنا کي سرت شبد يوگ ڪرڻي ٿو.

گورو پڪتيءَ يا شبد ابياس ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي
ٿي ۽ انهيءَ ڪري نه اگيان جو انڌيرو دور ٿو ٿئي
۽ نڪي پرميشور پراپت ٿئي ٿو.

ماڻهو ۽ هنجي اپديش انوسار اڀياس ڪن ٿا ته هنن کي هري درشن نصيب ٿئيٿو.)
جيئن اڳيئي چئي آيا آهيون ته پنهنجي عقل ٻڌيءَ جي سهاري پڀوءَ جي پراپتي نه ٿيندي ۽ اهو ڪارج صرف ستگوروءَ جي سهائتا ذريعي سڌ ٿيندو.
گُر گُر ڪرت سرن جي آوئي،
پرڀ آءِ ملي کن ڍيل نه پئيئا."
(بلاول محل ۴، ص - ۸۳۷)
(جيڪو گوروءَ جي شرن وٺي گورو گورو پڪاري ته تنهنکي پڀو پاڻيهي اچيو درشن ڏئي.)
ستگوروءَ جي ديا مهربانيءَ سان شبد هٿ ٿو اچي ۽ تڪو مالڪ جو نور نظر ٿو اچي.
"ستگر تي نام پائيئي،
ڪرم ملي پرڀ سوءِ."
(گوڙي بيراگڻ محل ۳، ص - ۲۳۳)
(نام جو ڀيد صرف ستگوروءَ وٽان ملي ٿو ۽ سندس ڪرپا سان ئي پرماتما پراپت ٿئيٿو.)
گورو ۽ گرنٿ دراصل ٻئي هڪ آهن ۽ هنن جي موج ۽ مهر به هڪ ئي آهي. جڏهن سنت ستگورو نند ڪري ٿو ته هو اسان سنساري جيون وانگر بي خبر ڪو رهي. هنجي ديهه وشرام ڪري ٿي پر هنجي آتما جاڳرت رهيئي ۽ اوچن روحاني منڊلن جو گمن ڪري ٿي. جڏهن اسين سمهون ٿا ته اسان جي چيتنتا هيٺين

سڀ ورڻ ڪاٽيون لڪ ساري سرشٽي ستگوروءَ کي سندس حڪم اجاوريءَ ۽ شيوا واسطي بخشيل آهن.)

سادو مهاتما اسان جيون وانگر ڪرمن انوا جنم مرڻ جي چڪر ۾ قائل نه آهن. هو صرف جيون جي ڪلياڻ ۽ کين پرماتما سان ملائڻ واسطي اچنتا.

"جنم مرن دکهؤ مهه ناهي،
جن پر اپڪاري آئي،
جيدان دي پگتي لائن،
هر سڱ لئن ملائي."

(سوهي محله ٥، ص. ٧٤٩)

(سنت جنم مرڻ جا قيدي نه آهن هو صرف جيون جي اپڪار واسطي اچنتا ۽ پگتيءَ جو دان ڏئي هريءَ سان ملائن ٿا.)

جن جگياسن جي اندر هري درشن جي پرپل اڪير آهي سي اهڙن ڪامل مهاتمائن جي کوج ۾ سدائين لڳل رهنتا.

"ان پر دکي نيندا نه پاء،
اهم بڇوڙا سهيا نه جاء،
ستگر ملي تان ملئ سياء."

(ملار محله ٣، ص. ١٢٦٢)

(جنکي پرانتم سان ملڻ جي سچي سڪ آهي تنکي رات جو نيڊن ۾ ننڊ ڪانهي وڇوڙي جي تڙف ههڪي بيحال ڪيو ڇڏي. اهڙن برهمن کي جڏهن ستگرو

(هري ۽ سندس شبوڪ ۾ ڪوبہ بہ ڀيد ڪونهي
جيتوڻيڪ هو ٻاهران انسان نظر اچيتو.)

"نانڪ هر جن هوا ڪي هوئي،
هو جپ هر سيتي رليا."

(وڏهنس محلہ ۴، ص.- ۵۶۲)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ هريءَ جا ڀڳت نام
جپي مدجهس لين ٿي ايڪاڪار ٿي وڃن ٿا.)

گورو ڪل مالڪ آهي ۽ دنيا جا سڀ شاهہ بادشاهہ
هن جي حڪم جا ٻڌا آهن.

"جتني پاتشاهہ شاهہ راجي،
خان امراو سڪدوا ههہ،
تتي سڀ هرڪي ڪيئي،
جو ڪڇ هر ڪراوي سُ اوءِ ڪرهہ،
سڀ هر ڪي ارسيئي،
سوانسا هر سڀنا ڪا ٻري،
ستگر ڪسيءَ قول هيءَ،
تن سڀ ورن چاري ڪائي،
سڀ سرسڀ گولي ڪر،
ستگر اڳي ڪار ڪماوَن ڪمہ ديئي."

(بلاول ڪي وار محلہ ۳ پوڙي، ص- ۸۵۱)

(سڀ راجا، مهاراجا امير وزير هريءَ ٿي بنايا
آهن ۽ مالڪ جي حڪم انوسار ڪار ڪمائين ٿا. ليڪن
اهو سڀ شڪتيوان پرميشور ستگروءَ ۾ براجمان آهي؛

مان پرڀوءَ ۾ اهڙو سمائجي ويو آهيان جو مونکي ڪير
به ڪونه سڃاڻي سگهندو.)

پرڀو ۽ پرڀوءَ جي سچن پيارن ۾ ڪوئي ڀيد
ڪونهي. هو هڪ ٻئي ۾ اهڙا ايڪ ٿي وڃن ٿا جو هنن
کي هڪ ٻئي کان الڳ سمجهڻ مشڪل آهي.

"پتا هماري، پرگٽي مانجهه،
پتا پوت رلِ ڪيني سانجهه.
ڪهه نانڪ، جن پتا پتيني،
پتا پوت ايڪي رنگ ليني."

(ڀيروءَ محلا ۵. ص-۱۱۴۱)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته منهنجو پرم پتا پرميشور
منهنجي اندر پرگهٽ ٿيو آهي ۽ اسين ٻئي ملي هڪ
ٿي ويا آهيون. جڏهن پٽ يعني آتما پتا يعني پرماتما
کي ڄاڻي ٿي تڏهن ٻئي هڪ ٿي رنگ ۾ رنگجي
وڃن ٿا.)

سنت پنهنجي اندر پرماتما جو ديدار ڪيو آهي
بلڪ هن جو روپ ٿي چڪو آهي پر ڇاڪاڻ جو ظاهري
هو هڪ انسان نظر اچي ٿو ان ڪري اسان لاءِ اهو
راز سمجهڻ اوکو آهي. پر گورو صاحب بار بار اپديش
ڪيو آهي ته سنت جو ٻاهريون سروپ ڏسي نه ڀلجو
ڇاڪاڻ ته در اصل هو پرماتما جو ئي سروپ آهي.

"هرڪا سيوڪ سوهر جيها،
ڀيد نه جاڻهه مانس ديها."

(مارو سولهي محلا ۳، ص-۱۰۷۶)

ڪوڙ ڀيد ڪونهي.

"رام سنت مهہ ڀيد ڪڇ ناهي."

(گوڙي محلہ ۵، ص-۲۰۸)

(رام ۽ سنت ۾ ڪوڙ ڀيد ڪونهي.)

جڏهن آتما سچڪنڊ پهچي ٿي تڏهن سنتام ۾ سمائجي وڃي ٿي ۽ پرماتما جو روپ اختيار ڪري ٿي. اتي امر شانتي آهي ۽ پاپ پنج، دک سک، راڳ، دوش ۽ چنتا جون لهرون اتي پهچي نٿيون سگهن.

"چنت اچنتا سگلي گئي،
پرڀ نانڪ، نانڪ مئي."

(ڀيرو محلہ ۵، ص- ۱۱۵۷)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ سچکنڊ پهچي مڙهنجا سڀ فڪر ۽ چنتائون مٽجي ويئون ۽ مان مالڪ سان ملي ويس.)

"اَبَ تہ جاءِ چڙي سنگهاسن،
ملي هيءِ سارنگ پاني.
رام ڪبيرا ايڪ ڀئي هيءِ،
ڪوءِ نہ سڪي پڇاني."

(رامڪلي ڪبير جو، ص- ۹۶۹)

(ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ هاڻي تہ مان تخت تي وڃي ويٺو آهيان ۽ جيئن ڀيٽي ڪي سوانتي بوند ملڻ سان ٿي ٿورنتي اچي ويندي آهي تيئن موڪي بڻ بڻبوءِ جي ملڻ سان شانتي اچي ويئي آهي. هاڻي تہ

گورو ۽ گوبند ٻئي هڪ آهن انهيءَ ۾
اسانکي ڪو به شڪ نه هئڻ گهرجي.

”گرو گووند گووند گرو هيءِ،
نانڪ ڀيد نه پائيءِ.“

(راگ آسا محل ۴، ص. ۴۴۲)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته ڀائي! گورو گوبند آهي
۽ گوبند گورو آهي. انهي ۾ ڪو به ڀيد ڪونهي.)

”گُر پرميشر ايڪو جانُ،
جو تس ڀاوي سو پروان.“

(گونڊ محل ۵، ص. ۸۶۴)

(گورو ۽ پرميشور هڪ آهن. جيڪي گورو چاهي
ٿو سو پرميشور منظور ٿو ڪري.)

جڏهن گورو ارجن ديو مهراڄ ڀهڻجي اندر گورو
رامداس مهراڄ جو درشن ڪيو ۽ ڏٺو ته ٻاهران هو مٺش
نظر اچي ٿو پر حقيقت ۾ هو پرماتما جو روپ آهي
تڏهن فرمايائون:-

”هر جيئڻ نام پر ڀو رامداس.“

(سورٺ محل ۵، ص. ۶۱۲)

(هوي هيٺر ٿهنجو نالو رامداس آهي.)

گوبند جي ديھ سروپ جو نالو آهي گورو
۽ گوروءَ جو اصلي سروپ آهي گوبند. گورو
صاحب ور ور ڪري ايد يش، ڏنو آهي ته سنتن ۽ پرماتما ۾

ايياس ذريعي ٻين کي به آزاد ڪري ٿو.

"اهو آپ ڇٽا ڪٽنب سڀ،
هرهرنام، ست سرست ڇڏائي.
جن نانڪ تس بلهارني،
جو آپ جپي اوُرا نام جپائي."
(سري راڳ محلو ۴، ص. ۱۴۰)

(ستگورو ڪٽمب پريوار جي بندن کان مڪت
آهي ۽ سنساري جيون جا به بندن ٽوڙي ٿو. گورو
صاحب فرمائين ٿا ته اسين انهيءَ گورمک تان ٻلهار
آهيون جو پاڻ نام جپي ٿو ۽ ٻين کي پڻ جپائي ٿو.)
ست ست پرش جو سنيهو ۽ پروانو کڻي سنسار ۽
جيون جي ڪلياڻ لاءِ اچن ٿا.

"ڪهي ڪبير هم ڌرڪي ڀيدي،
لائي حڪم حضوري."

(ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته مان حاضران حض
پرميشور جي حڪم سان ڌرڌام جو ڀيد ٻڌائڻ لاءِ
سنسار ۾ آيو آهيان.)
پرمالما ته هر هنڌ حاضر ناظر آهي ليڪن انهيءَ
ديدار تڏهن ٿيندو جڏهن گوروءَ جي ڪرپا سان
چڪشو کلندي.

"جت ڪت ديکهه تيرا واسا،
نانڪ ڪهه گر ڪيئو پرگاسا."
(ڀيرو ۴ محلو ۵، ص.

سيوا سياسي اهو آهي جو ستگروء جي
ذريعي پنهنجي اندران اهم ڀاو ڪيي ٿو.)
سياسيء جو اڪري ارٿ آهي جنهن پنهنجي اڇان
۽ واشنائن جو تياڳ ڪيو آهي ۽ اهو صرف گورو
ڀڳتيء ذريعي ئي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ جڏهن گورو
اسانجي اندر انهيء موهيندڙ شبد ڏن کي پرگهٽ ڪري
ٿو تڏهن من جون سڀ اڇائون ۽ واشنائون ختم ٿيو وڃن.
ستگورو پنهنجي ششن جي پرمارٿي هت جو سدائين
خيال رکي ٿو ۽ جيڪي هن سان پريم ڪنتا لڳن لاء
ٿو دنيا جا پندار ڪولي ٿو ڇڏي.

"ستگر سِک کي ڪري پرتپال،
سيوڪ ڪئہ گر سدا دئيال."

(گوڙي سکمني محلہ ٥، ص-٢٨٦)

(ستگورو سک جي پرتپالڪ آهي ۽ هنتي سدا
دئيالو آهي.)

ستگورو سدائين پنهنجي شيوڪن لي ديا درشتي
رکنتو ۽ سندن هر وقت خيال رکي ٿو.

"گُر سکان اندر ستگرو ورلي،
جو سکان نواوڇي سوگرخوشي آوي."

(گوڙي کي وار محلہ ٤، ص- ٣١٧)

(پريمي ستسنگيء اندر ستگورو پرلڪش رهيٿو ۽
س منوڪامنائون پورن ڪري ٿو.)

ستگورو پاڻ مايا جي جارکان آزاد آهي ۽ شبد

يي ۽ نام جي ڏن ۽ گهٽ ٽيڙ سان نئين زندگي
ملي ٿي.)

هن وقت اسين مايا ۽ موهه جي ننڊ ۾ ستل آهيون
۽ سنتن جي جڏهن ڪرپا ٿئي ٿي تڏهن ننڊ کلي ٿي.
"سنت ڪرپا لئي ان ڏن جاڳ."
(گوڙي سکمني محله ۵، ص - ۲۶۳)
(سنتن جي ڪرپا سان جيو آتما رات ڏينهن سجاڳ
رهي ٿي.)

انهيءَ سجاڳيءَ جو ارٿ آهي آتمڪ چيتنا چاڪاڻ
نه رات ۽ ڏينهن نه ڪو لڳاتار جاڳي نٿو سگهي. من جو
جڳن جڳن کان سمهيو پيو آهي سو ترپايد جي پرڪاش
ڪي ڏسي جاڳي ٿو ۽ پوءِ مدهجي اصل پرهم ۾ سمائجي
ٿو وڃي. الي آتما من جي پڌجي مان آزاد ٿي وڌيڪ
اوچن منڊلن کي طئه ڪندي پنهنجي لڄ ڌام پرچاڻ
سچکنڊ پهچي ٿي. گوروءَ جي سهائتا ۽ ڪرپا سان
ها اوستا هن حياتيءَ ۾ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي.
"سمر سمر سمر گر اپنا،
سوئيا من جاگائي."
(سوهي محله ۴، ص-۷۵۸)
(پنهنجي گوروءَ جي نام جو بار بار سمرن ڪري
هنجي من کي جاڳاءِ.)
گورو پڪتي ۽ شبد جي ڪمائيءَ دواران ئي موکش
ب پراپتي ٿيندي. ليڪن گوروه جي سهائتا بنا اهو

(جو پنهنجي هردي ۾ ستگرو ۽ کي پرگهٽ ڪند
تنهنجون سڀ مدو ڪامنائون پوريون ٿينديون)

گورو سمان سنسار ۾ ٻيو ڪو دانا ڪونهي. هو
جيڪي چاهي پنهنجي شيوڪن کي ڏيئي سگهي ٿو
ليڪن جهڙي طرح ماتا پنهنجي ٻالڪ کي ڪابه اهتا
ڪار چيز نٿي ڏئي اهڙيءَ طرح گورو به پنهنجن سک
کي اهي پدارٿ بخشي ٿو جي سندن پرمارٿ ۾
لاڀدائڪ هوندا ۽ کين پرماتما جي نزديڪ آڻيندا.

”ڪهه نانڪ جس ستگر پورا،
واجي تاڪي انهد تورا.“

(آسا محله ۵، ص - ۹۳)

(جنهنکي پورو ستگورو مليو آهي انهيءَ جي اندر
انهد شبد وڄندو.)

جيڪڏهن پورو گورو ملي ٿو ته هو شبد يوگ جو
ابياس جو ساڌن سيکاري ٿو. اهو نام يا شبد ئي سڀ
وستو آهي ۽ سڀ جو اپائي هار آهي. خوشي ۽ شانتي
جا اکٽ خزانا انهيءَ نام ۾ سمايل آهن جنکي گورو
جي ديا مهر سان پائي سگهجي ٿو.

”جميو نام سُني،
جنه سپرسن پئي گرپوري،
تب ممري آس پُني.“

(بلاول محله ۵، ص - ۸۲۹)

(جڏهن پورو گورو پرسن ٿئي ٿو تڏهن آس پوري

جڏهن پورو گورو جسماني ديھ ليائي ٿو تڏهن ا
هو شبد روپ ۾ شيوڪ جي آخرين دم تائين ساڻس
موجود رهيٿو ۽ موت کان پوءِ به جيستائين هن جي
آتما کي ڌرڌام نه پهچائي ليستائين هن جو ساٿ نٿو
ڇڏي.

پورو گورو پنهنجو جانشين اسو هو پاڻ ئي پنهنجي
شيوڪن مان چوندي مقرر ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته اها
ڳ صرف هو ئي ڪري سگهي ٿو. پورن سنت جو
دي نشين ڪو شيوڪن جي چونڊ دواران يا پنهن جو
پاڻ گورو سڏائڻ سان بڻجي نٿو سگهي. جانشين گوروءَ
جي گديءَ تي ويهڻ کان پوءِ پهريان گوروءَ جي شش کي
صرف پنهنجي گوروءَ جو ڌيان ڪرڻ کپي ۽ پنهنجي
خيال کي ٻئي طرف ڀٽڪائڻ نه کپي. انت سمي گورو
پنهنجي چنابل جيون جي اندر سوکيم روپ ۾ پرگهٽ
ٿي جمدوتن کان بچائي ٿو ۽ ڪال ۽ ڌرماءِ طرف وڃڻ
نٿو ڏئي. هو پنهنجي شرناگت آتمائن کي نرمل ڪري
ڌيري ڌيري من مايا جي منڊلن مان لنگهائي آخر
سچکنڊ پهچائيٿو. انهيءَ ڪري ستسنگيءَ کي پنهنجي
گوروءَ جي سروپ جو ڌيان ڪرڻ جڳائي. گورو ني
جو دالا آهي.

"ستگر ڪي مورت هردي وساني،
جو اِڇي سوئي ڦل پائي."
(ڌناسري محلا ١، ص - ٦٦١)

جڏهن گورو نام روپي ٻج شيوڪ جي هردي ۾
تون ته پوءِ برهمانڊ اندر ڪابه اهڙي شڪتي نه آهي
ان ٻج کي ناس ڪري سگهي ٻلڪ اهو ٻج وڌ
ويجهندو ۽ ان مان ايشوري گيان، دائما خوشي ۽ پر
مڪتيءَ جهڙا ڦل نڪرندا.

انهيءَ ڪري پوري گوروءَ جي سک کي پنهنج
گوروءَ کان وڌيڪ سنسار ۾ ڪوبه پيارو ڪونه لڳ
هو پنهنجي گوروءَ جي ديوي سروپ جي درشن
ڪڏهن ڍاپجيئي نٿو.

"سوڌن گرو ساباس هيءِ،
هردئي سيها.
هٿ ديک ديک گرو وگسئا،
گر ستگر ديها."

(تلنگ، محلا ۴، ص-۷۲۶)

(اي ستگوروا! مهنجا ڌن ڀاڳ، آهن جو توهان کي
شبد جو ڀيد ۽ پرماتما جي پريت بخشي. گورو رامداس
صاحب جن فرمائين ٿا ته مان پنهنجي ستگوروءَ جي
درشن ڪري باغ باغ ٿيو پوان.)

هڪوار جڏهن پوري کوج ڪري پوروگورو ڏارڻ
ڪجي ته پوءِ سموري پريت پنهنجي گوروءَ سان لي
ڪرڻ کپي. دنيا ۾ ڀلي پيا ساڌو مهاتما هجن پر اسان
جو تعلق صرف پنهنجي ستگورو جنهن اسان کي نام دان
بخشيو آهي انهيءَ سان هئڻ کپي.

ني ، اکت کتا ۽ شبد سان ملا ئي.)
سانکي اهڙو گورو ڳولهي ڪرڻ کپي جو
جي اندر شبد ۾ لولين هجي چاڪاڻ تہ
ي پوري گوروءَ جي مکيہ نشاني آهي.

"سبد رتا ستگورو هيٰ."

جيڪو مهاتما شبد جي رنگ ۾ رنگيل آهي سو
سچو گورو آهي.)

اهڙي ڪامل مرشد جي رهنمائيءَ کان سواءِ شبد
ام هٿ نہ ايندو. اهو قانون پرپوءِ پاڻ ٻڌايو آهي.

"بن ستگر کو ناءِ نہ پائي،
پرڀ لئسي بت ٻڌائي هي."

(مارو محلہ ۳، ص-۱۰۴٦)

(پرماتما پاڻ اهو وِڌان ٻڌايو آهي تہ ستگوروءَ بنا
ڪنهن کي هٿ نہ ايندو.)

جيو جو ڪارج تڏهن راس ٿيندو جڏهن هڪي اهڙو
و ملندو جو هن وقت دنيا ۾ موجود آهي ۽
ن پنهنجي آتما شبد سان جوڙي آهي.

هڪوار جڏهن پورو گورو شش کي نام بخشي ٿو
ت هنجي آتما کي شبد سان جوڙي ٿو تہ پوءِ کٹي
ر جسماني چولو ڇڏي بہ وڃي تڏهن بہ شش کي
گورو ڌارڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي ڇاڪاڻ تہ
ۃ جي ذات امٽ ۽ امر آهي. هڪ دفعي

نام روپي اتر، املهه رلن جو اسان جي اندر پرمالما
کهسه رکيو آهي ۽ جنهنجي حاصل ڪرڻ بنا نه مڪتي
ني لئي ۽ نه پرمالما او ملي سو گوروءَ جي ڪرپا سان
ني پرگهٽ ٿيئو ۰ انهيءَ ڪري ني سڀئي گرنٿ پولين
۾ گوروءَ جي اپار مهما ڳائي وئي آهي ۰

” هڪ الهاري ستگر اپڻي ،
جن گهسه نام پرگاجها ۰ “

(جئتسري محلو ۴ ، ص - ٦٩٧)

(مان پنهنجي ستگوروءَ تان الهار لو وڃان جنهن
گهسه نام کي منهنجي اندر پرگهٽ ڪيو ۰)

دنيا ۾ ڪئين قسمن جا گورو آهن ليڪن سچو گورو
اهوئي آهي جو اسان جي آلما کي انهد شبد سان
جوڙي انهيءَ ڪري اهڙي شبد ابياسي مهالما جي
کوج لاءِ اسانکي پوري پوري ڪوشش ڪرڻ جڳائي ۰

” انسا ستگر اوڙ لهه ،
جدو پائيئي سچ سوءِ ۰ “

(سري راڳ محلو ۳ ، ص - ۳۰)

(پاڻي! اهڙي ستگوروءَ جي کوج ڪر جو توکي سچ
يعني شبد جي ڏور پڪڙائي ۰)

” سو گر ڪرڻ ج ساچ درڙاوي ،
اڪٿ ڪٿاوي سبد ملاوي ۰ “

(ڌناسري محلو ۱ ، ص - ٦٨٦)

(اهڙو گورو ڌارڻ ڪر جو توکي سچ يعني نام

...ٻي ٿو.

مالڪ اسان جي شرير اندر آهي پر ٻنا ستگوروءَ ان
جي جهلڪ نٿي ملي.

"گهر هوديءِ ڏن جڳ ٻکا مئا،
ٻن ستگر سوجهي نه هوءِ."

(سارنگ کي وار سلوڪ محلو ٣، ص - ١٢٤٩)

(گهر يعني شرير اندر خزاني هوندي به سنساري جيو دکي آهن. ستگوروءَ ٻنا انهيءَ خزاني جي جهلڪ نٿي پوي.)

اهو خزانو نام جو خزانو آهي جنهن کي پرماتما اسانجي
...ديه جي اندر گپت رکيو آهي. انهيءَ جو پتو ڪو
...رو گورو ڏيئي سگهي. انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو
...ڪونهي.

"گپتا نام ورتي وچ ڪلجگ،
گهٽ گهٽ هر ڀرپور رهئا.
نام رتن تنا هردئي پرگٽئا،
جو گر سرنائي ڀڄ پئا."

(پرڀاتي محلو ٣، ص - ١٣٣٤)

...پرماتما جو سچو نام جو اسانجي شرير اندر گپت
...و ني ڪلجگ ۾ مڪتيءَ جو ساڌن آهي.
...ت گهٽ ۾ ڀرپور آهي ليڪن نام روپي رتن
...جي اندر پرگهٽ ٿيندو جيڪو ستگوروءَ جي
...ندو.)

ٻرنکي ٻنهنجي شرير اندر منهنجو گهر ڏيکاريو.)

سڀ جي مهان چيتن اوستا صرف شبد ٻوڌ جي اڀياس جي دوارا حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ پوري گروءَ جي دِيا ۽ سهائتا بنا شبد جو اڀياس ٿي نٿو سگهي. پوري گروءَ جي اها نشاني بلڪ ڪسوٽي آهي ته هو پنهنجي شش جي آتمائن کي انهد شبد سان جوڙي، پنجن شبدن جي ڪمائي ڪرائي پنهنجي نج گهر يعني سچکنڊ پهچائي ٿو.

"گهر مهه گهر ڏکاءِ ڏيئي،
سو ستگر پرک سجان.
پنچ سبد ڌنڪار ڌن،
تهه باجي سبد نيسان."

(وارملار سلوڪ محله ١، ص - ١٢٩٠)

(جيڪو اسان کي پنهنجي گهر ۾ يعني شرير اندر ٻڌائيندو جو گهر ڏيکاري سو پورو گرو آهي ۽ انهيءَ گهر جي اها نشاني آهي ته اتي پنج شبد پيا وڄن.)

اسين پنهنجي نج ڌام يعني سچکنڊ تڏهن پهچي سگهنداسين جڏهن پوري گروءَ کان شبد اڀياس جو طريقو سکي پنهنجي اندر ڪن خاص مرڪزن تي ڌيان ايڪاگر ڪنداسين. اسان جو اندروني سفر ترڪٽي جي ٽيڪاڻي جي ڏن سان شروع ٿئيٿو ۽ سچکنڊ جي ... سان ختم ٿئيٿو. اهڙيءَ طرح پنجن شبدن جي ... ڪمائي ڪرائي گرو اسان کي پنهنجي ...

ٻڌائي ٿو.

مالڪ اسان جي شرير اندر آهي پر ٻنا ستگروءَ ان جي جهلڪ نٿي ملي.

”گهر هودئي ڏن جگ ٻکا مئا،
ٻنُ ستگر سوجهي نــه هوءِ.“

(سارنگــ ڪي وار سلوڪ محلہ ۳، صہ - ۱۲۴۹)

(گهر يعني شرير اندر خزانيءَ هوندي به سنساري جيو دکي آهن. ستگروءَ ٻنا انهيءَ خزاني جي جهلڪ نٿي پوي.)

اهو خزانو نام جو خزانو آهي جنهنکي پرماتما اسانجي ديهه جي اندر گپت رکيو آهي. انهيءَ جو پتو ڪــو پورو گورو ڏيئي سگهي. انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي.

”گپتا نام ورتي وچ ڪلجــگہ،
گهٽ گهٽ هر ڀرپور رهئا.
نـــام رتن تنا هردئي پرگٽئا،
جو گر سرنائي ڀڄ پئا.“

(پربالي محلہ ۳، صہ - ۱۳۳۴)

(پرماتما جو سچو نام جو اسانجي شرير اندر گپت آهي سو ٿي ڪلجڳــ ۾ مڪتيءَ جــو سادن آهــي. ٻيو گهٽ گهٽ ۾ ڀرپور آهي ليڪن نام روپي رتن انهيءَ جي اندر پرگهٽ ٿيندو جيڪو ستگروءَ جــي شرڻ ولندو.)

(ونڪي ٻڌجي شرير اندر مڙهئجو گهر ڏيکار پيو.)
سهج جي مهان چيتن اوستا صرف شبد ٻڌڪ جي
اڀياس جي دوران حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ پوري
گوروءَ جي دايا ۽ سهائتا بنا شبد جو اڀياس ٿي نٿو
سگهي. پوري گوروءَ جي اها ئي نشاني بلڪ ڪسوٽي
آهي ته هو پنهنجي ششن جي آتمائن کي انهد شبد
سان جوڙي، پنجن شبدن جي ڪمائي ڪرائي پنهنجي
نج گهر يعني سچکنڊ پهچائي ٿو.

”گهر مهه گهر ڏکاءِ ڏيئي،
سو ستگر پرک سجان.
پنچ سبد ڌنڪار ڌُنِ،
تهه باجي سبد نيسان.“

(وار ملار سلوڪ محلا ١، ص – ١٢٩٠)

(جيڪو اسان کي پنهنجي گهر يعني شرير اندر
پرماتما جو گهر ڏيکاري سو پورو گورو آهي ۽ انهيءَ
گهر جي اها نشاني آهي ته اتي پنج شبد پيا وڄن.)
اسين پنهنجي نج ڌام يعني سچکنڊ تڏهن پهچي
سگهنداسين جڏهن پوري گوروءَ کان شبد اڀياس ج
طريقو سکي پنهنجي اندر ڪن خاص مرڪزن تي ڌيا
ايڪاگر ڪنداسين. اسان جو اندروني سفر ٽوپابد ج
ٽوٽي جي ڌُن سان شروع ٿئيٿو ۽ سچکنڊ جي
ڌُن سان ختم ٿئيٿو. اهڙيءَ طرح پنجن شبدن
جي ڪمائي ڪرائي گورو اسان کي پنهن جي

مالڪ اسان جي شرير اندر آهي پر بنا ستگوروءَ ان
جي جهلڪ نٿي ملي.

" گهر هوديءَ ذن جڳ پکا مٽا،
بن ستگر سوجهي نہ هوءِ."
(سارنگ ڪي وار سلوڪ محلہ ٣، ص - ١٢٤٩)

(گهر يعني شرير اندر خزانيءَ هوندي بہ سنساري جيو دکي آهن. ستگوروءَ بنا انهيءَ خزاني جي جهلڪ نٿي پوي.)

اهو خزانو نام جو خزانو آهي جهڙڪي پرماتما اسانجي ديهہ جي اندر گپت رکيو آهي. انهيءَ جو پتو ڪو پورو گورو ڏئي سگهي. انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي.

" گپتا نام ورتي وڄ ڪلجگہ،
گهٽ گهٽ هر ڀرپور رهنتا.
نام رتن تنا هرديءَ پرگٽا،
جو گر سرنائي پسج پنتا."
(پريالي محلہ ٣، ص - ١٣٣٤)

(پرماتما جو سچو نام جو اسانجي شرير اندر گپت پيو آهي سو ني ڪلجگ بہ مڪتيءَ جو ساڌن آهي. گهٽ گهٽ بہ ڀرپور آهي ليڪن نام روپي رتن انهيءَ جي اندر پرگهٽ ٿيندو جيڪو ستگوروءَ جي شرڻ وٺندو.)

[illegible] (٢١٠)
[illegible] عرف شيد يوسف جي
[illegible] ۽ بروي
[illegible] جو اياس لي
[illegible] ننائي نڪ ڪسولي
[illegible] انيد شيد
[illegible] ڪرائي [illegible]
[illegible]

[illegible] (١٢٦٠)
[illegible] شرير الدر
[illegible] آهي ۽ انهي
[illegible] شيد يا [illegible]
[illegible]
[illegible] شيد اياس جو
[illegible]
[illegible]
[illegible]

"گهري اندر سڀ وٿ هي،
باهر ڪڇ ناهي،
گُر پرسادي پائيئي،
انتر ڪپٽ کلاهي."

(سڀ ڪڇ گهر يعني شرير ۾ آهي باهر ڪڇ ڪونهي ليڪن گوروءَ جي ڪرپا سان ٿي جڏهن اندروني اکيان جو پڙدو هٽي ٿو تڏهن مالڪ نظر اچي ٿو.

"گهري اندر ڪو گهر پائي،
گُر ڪي سبدي سهج سڀائي.
اوٿي سوگ ونجوگ نه وٿاپي،
سهجي سهج سمائنا."

(مارو محله ٣، ص-١٠٦٨)

(گوروءَ جي ڪرپا سان جڏهن سهج اوستا پراپت ٿئي ٿي تڏهن هن گهر يعني شرير اندر پرماتما جو گهر يعني سچکنڊ ملي ٿو جتي ڪوبه شوڪ يا جدائي ناهي.)

سهج اوستا سچکنڊ ۾ آهي الي پهچي آتما پهران سهج کي محسوس ڪري ٿي پوءِ سچي مالڪ يعني ستنام ۾ سمائجي ٿي وڃي.

"گهر مهتر گهر گر دکائنا،
سهج رلي من پائي."

(سورٺ محله ١، ص-٦٣٤)

(پائي ! ستگوروءَ مهيجو من سهج سان جوڙي

(گُرُوءَ جي اُپديش کان سواءِ پرڀوءَ جي پراپتي نه ٿيندي چاهي ڪٽي ڪو هزارين حيلا هلائي.)

نيڪ ۽ بد ڪرمن جي ڪارڻ مختلف جوڻين ملن ٿيون پر موکش نٿو ملي.

”ڪرمي آوي ڪپڙا،
ندري موکُ دُئار.“

(جپ جي محله ١، ص-٢)

(ڪرمن جي ڪري ڪپڙا يعني جوڻيون ملن ٿيون ۽ پوري گُرُوءَ جي ڪرپا درشٽيءَ سان موکش جو دوار کُلي ٿو.)

جڏهن پرماتما جي اَپار ڪرپا ٿئي ٿي نه نام ۽ مڪتي ملي ٿي. جيتوڻيڪ نام اسان جي اندر آهي ليڪن سچي ۽ پوري ستگرو جي سهائتا بنا هٿ نٿو اچي.

”نانڪ نام وَسيءَ گهٽ انتر،
گر ڪرپا تي پاوڻا.“

(ماجهه محله ٣، ص-١٢٩)

(نام نه اسان جي شرير اندر آهي پر گُرُوءَ جي ڪرپا سان ئي انهيءَ کي پراپت ڪري سگهجي ٿو.)

سڀ سار وستو هن ڪايا جي اندر آهي ٻاهر نه صرف ان اصل جي ڇايا آهي پر گُرُو کي انهيءَ سار وستوءَ کي لڪائي سگهيٿو.

ڪونهي ۽ اهڙي پوري گوروءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ اسان
جي اندر پريوءَ کي پرتکش ڪري نٿو سگهي.

” گر ڪرپا تي هر من وسيءِ،
هورت بڌِ لڱيا نہ جاڻي.“

(سوهي محلہ ۴، ص - ۷۳۳)

(ستگوروءَ جي ڪرپا سان هري من ۾ وسي ٿو ۽
انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوئي طريقو ڪونهي.)

ڪنهن بہ ڪرم ڌرم دوارا پرماتما جو درشن نٿو
ٿئي صرف پورو گورو ئي اسان کي شبد سان جوڙي
پريوءَ جو درشن ڪرائي سگهي ٿو. جيڪڏهن زندگيءَ
۾ اهڙو ڪامل مرشد نٿو ملي تہ باقي سڀ ڪرم ڌرم
آتما جي لاءِ ٻنڌن ثابت ٿين ۽ انهيءَ ڪري جنم مرڻ
جو چڪر قائم رهيٿو.

” بن ستگر سيوي جيءَ کي ٻنڌنا،
جيتي ڪرم ڪماهہ.“

(بهاڳڙي کي وار سلوڪ محلہ ۴، ص - ۵۵۲)

(پوري گوروءَ جي شيوا بنا جيڪي ڪرم ڪجن
ٿا سي جيو آتما لاءِ ٻنڌن بڻجن ٿا.)

پوري گوروءَ جي بخشيل شبد ٻيد بنا
پرماتما سان ملڻ جو ٻيو ڪو بہ ساڌن ڪونهي.

” بنُ گر داتي ڪوءِ نہ ڀاٽي،
لک ڪوٽي جي ڪرم ڪماني.“

(مارو محلہ ۳، ص - ۱۰۵۷)

[illegible]

(ص ۱۴۰ [illegible])

(نام اهاهه رتن [illegible] ملتو
جهڪو هنجي سيوا ڪري [illegible] قسمتي
رلن لڌي لو.)

نام روپي رلن کو اکر يا نقطو ڪونهي سنڪ اهڙ
سگهي آهي جنهن سڀ ڪجهه انهن ڪيو آهي ۽ انهيءَ
شبد جي روپ ۾ اسان جي اندر بيٺي گونجي.

”رام نام جن پالهه سوءِ،
پوري گر لي پراپت هوءِ.“

(پهرو محلو ۳، ص - ۱۱۲۹)

(پاڻي را رام نام کي ڳول ۽ اهو لوکي پوري گرو
وٽان پراپت ٿيندو.)

دنيا جي اندر گورو گهڻيئي آهن، کو پهڻجن
[illegible] پا گرنٿ پوٿين جي سلوڪن جي جپ
[illegible] تو ڏئي ۽ ڪووري ڪرم ڌرم پوجا
[illegible] انڌا آنڌڪ جي هدايت لو ڪري. [illegible]
[illegible] پوماتما ۾ سداڻين لين رهڻو
[illegible] انهد شبد جو اڀياس مسڪار[illegible]
[illegible] ڪو [illegible]

وسٽو هٿ نٿي اچي ۽ نڪو جنم مرڻ جو ڦيرو ختم ٿو ٿئي. اهو شبد لڌهن هٿ ايندو جڏهن پورو گورو پيدا ٿيندو ۽ اهڙو گورو ڀاڳن سان ملي ٿو.)

مالڪ جو اهو حڪم آهي ته ڪير گوروءَ بنا ڪوبه پائي نٿو سگهي.

”ڪهه نانڪ پربه اهيءِ جڻائي،
بن گر مڪت نه پائيئي ڀائي.“

(گونڊ محله ٥، ص ـ ٨٦٤)

(ڀائي! پريو پاڻ اهو حڪم ڪيو آهي ته گوروءَ بنا ڪنهنکي مڪتي نه ملندي.)

گورو اسان لاءِ پنهنجي عرشي پريتم جو سنديش ٿو آڻي انهيءَ ڪري هو اسانکي پيارو ٿو لڳي.

”هر ڪيئا ڪٿا ڪهانيئا،
گرميت سنائيئا.
بلهاري گر آپڻي،
گر ڪئه بل جائيئا.“

(تلنگ محله ۴، ص ـ ٧٢٥)

(منهنجي گوروءَ مونکي هريءَ جون ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون ٻڌايون آهن. انهيءَ ڪري مان وار وار هن تان ٻلهار ٿو وڃان.)

نام روپي رتن ستگوروءَ وٽ آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس شيوا ڪرڻ سان اهو هٿ اچي ٿو.

سان اسين ڳالهائي ٻولهائي، پرڻت ۽ سيوا ڪري سگهون ۽ جو اسان جا سڀئي سنسا مٽائي اسان جي دل اندر پريم جو ڀاءُ پيدا ڪري سگهي. اهڙو گورو صرف ڪوئي وقت جو پورڻ سنت ٿي سگهي ٿو جو ظاهري طور منش نظر اچي ٿو پر باطني طور هو پرماتما سان جڙيل رهي ٿو. جسماني ديهه دوارا هو اسان کي سکيا ڏئي ٿو ۽ ايشوري سروپ ذريعي هو اسان جي آتمائن کي پرماتما سان ملائي ٿو.

اسين اکيون بند ڪريون ٿا ته اسان کي پنهنجي اندر اونداهو ئي اونداهو نظر اچي ٿو. پورو گورو اسان جو شبد کولي اسان جي اندر پرڪاش پيدا ڪري ٿو. پوءِ اسان کي سوجهي پوي ٿي ۽ اسان جي اندر ايشوري خزانا آهن ۽ انهن کي حاصل ڪري آتما اوچن روحاني ديشن ۾ پرواز ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿي ۽ هن زندگيءَ ۾ ئي نرواڻ پد حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ لاءِ سڀ کان
اهم ضرورت آهي پوري گوروءَ جي.

”بن سبدي انتر آنيرا،
نہ وست لهي نہ چوڪي ڦيرا،
ستگر هٿ ڪنجي، هورت در کلي ناهي،
گر پوري ڀاڳ ملاوڻا.“
(ماجهه محلا ٣، ص – ١٢٤.)

(شبد بنا اندروني اونداهو دور نٿو ٿئي ۽ اصل

سنتن جي همٿ ۽ رکي آهي.)
انهيءَ ڪري جهڙي اها پنهنجي همٿ ڪرڻي هجي
يعني مڪتي حاصل ڪرڻي هجي تڏهن ڪنهن شبد
سروپي مهاتما کي ڳولهي ان کان نام جو ڀيد وٺڻ کپي
ڇاڪاڻ ته اها نرمل پاڻي هڪ سوکيم روحاني شڪتي
آهي ۽ جسماني حواسن ۽ بدنيءَ جي پهچ کان مٿي
آهي. انهيءَ ڪري گرنٿ پوٿين جي پڙهڻ سان يا
گذريل مهاتمائن جي ٽيڪ وٺڻ سان اها همٿ نه ايندي.
انهيءَ کي پائڻ لاءِ ڪنهن موجوده مهاتما جي شرڻ
وٺڻي پوندي.
هڪ جاڳرت آتما ئي ٻيءَ آتما کي جاڳائي سگهي
ٿي، بشرطيڪ ٻنهي جون آتمائون چيتنا جي ساڳئي
منڊل ۾ موجود هجن. جهڙيءَ طرح جوت مان ٻي
جوت جڳي سگهي ٿي اهڙيءَ طرح هڪ جاڳرت
مهاپرش نام جو ڀيد ڏيئي ٻين آتمائن کي به جاڳائي
سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته اسين هن وقت انساني چولي ۾
آهيون انهيءَ ڪري اسان کي اهڙي جاڳرت مهاپرش
جي ضرورت آهي جو هن وقت هن سنسار ۾ موجود
هجي. انهيءَ ڪري ڪو موجوده مهاتما ئي اسان جو
رهبر يا گرو ٿي سگهي ٿو ۽ اهڙي مهاتما جي هدايت
مطابق ابياس ڪرڻ سان اسان جي آتما انهد شبد سان
جڙي سگهي ٿي.
اسان کي اهڙي گروءَ جي ضرورت آهي جنهن

٣. سَتگورو

اسين اڳيئي چئي آيا آهيون، تہ مدش جو هن سن
۾ اچڻ جو مول مقصد آهي، پرماتما جي سچي نام جي
پراپتي ۽ انهيءَ مقصد ۾ ڪاميابي تڏهن حاصل ٿيندي
جڏهن اسين سنتن جي شرڻ وٺنداسين. سنسار ۾ ڪيتر
ڪو بہ اسان جي انهيءَ راهہ ۾ رهنمائي ڪري
سگهي.

"جس وکر ڪڍ لئن لـو آنيا،
رام نـام سنتن گهر پـانيا."

(گوڙي سڪمني محلہ ٥، ص - ٢٨٣)

(رام نام روپي وکر، جنهنجي پائڻ لاءِ اون سنسا
۾ آيو آهين سو توکي سنتن جي دربار مان ملندو.)

نام ئي سچو ڌن آهي ۽ سنت آهن ان جا خزانچي.
اهو نام روپي ڌن يا بائي، پرماتما اسانجي اندر رکي
انکي تالو لڳائي، ڪنجي سنتن جي حوالي ڪئي آهي
انهيءَ ڪري صرف سنت ئي، انهيءَ کـي کولي،
پرگهٽ ڪري سگهنتا.

"انهد باني پونجي،
سنتن هٿ راکي کونجي."

(رام ڪلي محلہ ٥، ص - ٨٩٣)

(انهد بانيءَ جي پونجيءَ جي ڪنجي ...

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ منهنجي اندر جوت جڳمڳ ٿي رهي آهي، شبد جي ڌن پيئي نڪري پرگهٽ ٿي. اهڙيءَ طرح منهنجي ستگوروءَ منهنجا سڀ ڀرم نورت ڪري ڇڏيا.)

سڀ سک ۽ شانتي انسان جي اندر آهي ۽ انهيءَ ڪري ان جي کوج ٻاهر ڪرڻ فضول آهي. پر انهيءَ کوج ۾ جيستائين ڪو پورن گورو اسان کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جو طريقو نہ سيکاري اسين ڪامياب نٿي سگهنداسين.

"ٻاهر ڍونڍان لي ڇوٽ پري،
گر گهر هي ماهہ دکائتا ٿا."

(مارو محلہ ٥، ص - ١٠٠٢)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ منهنجي ستگورن سڀ ٻاهريان ڀرم ڇڏائي مونکي پرماتما پنهنجي گهر يعني شرير ۾ ڏيکاريو.)

"رتن پدارٿ گهر لي پائيا،
پوري ستگر سبد سنائيا."

(مانجهہ محلہ ٣، ص - ١٢٩)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ پوري ستگوروءَ منهنجي اندر نرمل شبد پرگهٽ ڪري مون کي نام روپي املهہ رتن ڏنو آهي.)

اهڙي طرح گورو صاحبن سمجهايو آهي تہ شبد ئي پرماتما جو سچو نام آهي ۽ اسان جي شرير اندر آهي ان گپت روپ ۾. پرگهٽ تڏهن ٿيندو جڏهن پوري گوروءَ جي اپديش مطابق انترمک اڀياس ڪبو.

بچائي ٿي.
... ائدا ناٿن بچائي ٿي
"دوک پوکه مٿي سهسا،
سک باوھ لون سکمن ناري."
(آسا محلہ ۵، ص — ۳۷۷)
... ابچهند ان لذ ...
ساري ۽ سکمنا ناري ۽
(ساڌ ڪي جڙهن لون سکمنا مٿي ويهدا.)
"اند ڪرھ ول سمدر ناري."
ابوڌجا سب دک دور ۽ سمسا مٿي
(بلاول محلہ ۵، ص — ۸۰۶)
... جا سن يعني پار اوڌ
آلما انڊي ناري، ...
(بھوجي آلما انڊي آنند ڪر.)
بچائي ٿي، ان سان جوڙ ۽ آنند سوکم دش ...
ابوان مزل نرنجن د بو جوہر ڪاشوان سوکم د ش ...
آهي ۽ الي جي شبد بڌرط سان آلما درجي ۽ درجي
ملي ... ڄاڻيندي وڃي ٿي ۽ آخر بدهمجي نج ڪهر يعني
سچکند اڳڄي ٿي.
"انتر جوت نرنتر باني،
ساچي صاحب سڌ لواني."
(سورٹھ محلہ ۱، ص — ۶۳۴)
(آلما جي اندر جوت آهي ۽ ان مان باني ...
بڌرط سان سچي صاحب سان لو ...
ڪري ...
... .)
"انتر جوت سبد ڌن جاڳي،
سنکر جهنکر ابجرڻي."
(... ۱، ص ...)

ڪري آهي آتما کي ٻنهين منزل يعني سهڪند جتي ٻن
جو اڌ يت شبد هردم پيو وڄي، اُتي رسائي ٿي.
اهڙي طرح چاڪاڻ ته شبد جو اڀياس ڪنهن اندر
آواز سان شروع ٿئيتو آهي ۽ ڪري اِئين ڪڍي چئجي ته
پرماتما جي پراپتي ڪنهن دوارا ٿيندي.

"ٻولهه ساڄ پڇاڻه اندر،
دور ناهي ديکهه ڪرندر."
(مارو محلہ ۱، ص-۱۰۲۶)

(شبد جو جاپ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ اندر ڏسو ته
پرماتما جي گونج توهانجي ڪنهن اندر آهي.)

پرماتما اسانجي اندر آهي ۽ اسانجي ديهه اندر
سمايل آهي ملڪ انين چوڻ درست ٿيندو ته هو هر
ٺنڊ حاضر ناظر آهي پر جيستائين ٻرين ۽ کي اندر نه
سٻو ليستائين ٻاهر نظر نه ايندو. هڪوار جڏهن اندر
بيدار ڪيو ٻوء اهڙو پيارو جيڏانهن ڪري نگاهه ليڏانهن
ڇڙڻ سامهون.

شبد ايپاس ذريعي آتما شرير اندر ٿي ٻهرين
نجن جي سوکيم منڊل، ٻوء ٻرهم جي ڪارن منڊل
ان کان ٻوء پار ٻرهم ۽ سهڪنڊ جي روحاني منڊلن ٻر
پهچي ٿي.

انهيءَ منڊلن جو مارگ اسانجي مستڪ ۾ هڪ ناري
هي جنهنکي 'ششمنا' ۽ 'سکمنا' سڏجيتو. فارسي
ڙالما انهيءَ کي 'شاهه رگ' سڏين ٿا ڇاڪاڻ اها رڳ،

ٿي هنکي ڄاڻي سگهجي ٿو.

شبد جي ڪمائيءَ سان اندروني نيتر کلي ٿو ۽ آتما روحاني ڪمل جو ديدار ڪري ٿي ۽ سندس پرڪاش پرگهٽ ٿئي ٿو.

"سدا هي نيترن دور نه ڄاڻهو،
گرڪي سبد نهڪ پڇاڻهو.
پگسي ڪمل ڪرن پرگاسي،
پرگٽ ڪر ديکاڻا."

(مارو محله ۳، ص - ۱۰۶۱)

(پرماتما اسانکي سدائين ويجهو آهي پر گوروءَ جي شبد جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي اندروني ڪنول کلي ٿو، پرڪاش جي ڪرڻا چمڪي ٿي ۽ پرماتما جو ساکيات درشن ٿئي ٿو.)

جڏهن پورن سمت ڪان نام وٺي انجي ڪمائي ڪجي ٿي ته اندر ڀرڪئين قسمن جا شبد ٻڌڻ ۾ ايندا ٿا. پهريان وهندڙ پاڻيءَ جهڙو يا هلندڙ ريل وانگر يا ميهن جي وسڪارن سمان. آهستي آهستي پيدا ٿي (هڪ جيمت) جو آواز ۽ نديان گهنٽين جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

آخر جڏهن چت ڪافي ايڪاگر ٿي وڃي ٿو ته گهنٽي جي رسيلي ڌن ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. انهي شبد جو مارگ اتان شروع ٿئي ٿو اها گهنٽي جي گونج آتما کي ٻاهر ڏانهن ڇڪي ٿي ۽ رستي ۾ ڪئين منڊلن کي پار

ايياس د واران دسوين دوار ۾ پهنجي ورليءَ کي ٽڪائي رکڻ گهرجي ۽ پوءِ جيئن شانت جل ۾ ڪناري وارا مڪان وڻ ٽڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ليڪن من کي شانت ڪرڻ سان پرماتما جو درشن ٿيندو ۽ جيتري من جي استرتا وڌ ڪاوترو وڌيڪ صاف ۽ نرمل درشن ٿيندو.

"من ڪن ڪن پرم پرم به ڏاوي،
تل گهر نهي واسا پائيندي.
گر انڪس سبد دارو سير ڏارنو،
گهر مندر آن وسائيندي."

(بسنت هنڊول محل ۴، ص. ۱۱۷۹)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته من اهڙو چنچل آهي جو ليسري تل ۾ شانت ٿي وهي ٿي نٿو ۽ ڪن ڪن ۾ دنيا جي پرم ۾ وهيو وڃي. جڏهن گوروءَ جو بخشيل شبد روپي انڪس من جي مٿان رکجي تو تڏهن ئي هو پنهنجي صحيح ٽڪاڻي (شو نيتر) تي اچيتو.)

پرماتما کي پائڻ جو اهوئي ساڌن آهي پرميشور کو اسان کان دور نه آهي بلڪ اسانجي انگ سنگ آهي پر گوروءَ جي ڏنل شبد بنا هنجو ملڻ محال آهي.

"سدا حضور دور نه جانهه،
گر سبدي هر انتر پڇانهه."

(مانجهه محل ۳، ص. ۱۱۶)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما دور ڪونهي بلڪ هردم حاضر ناظر آهي. گوروءَ جي شبد ذريعي

اچِتا پر اندر ۾ڻ ڏسڻ ۾ اهي ٿ چاڪاڻ اهي چاڻ
آهي ۽ ڪن جزوي ايپاسن کي انجر ڏهون دوار کهت
پتو آهي.

" ڏهون دئاري ٻر گهٽ ڪيڻي،
دسوا گپت رکائتا ."
(رام ڪلي محلو ٣، ص- ٩٢٢)

(پرماتما شرير جي نون دوارن کي پرگهٽ رکيو
آهي ۽ ڏهون دوار گپت.)

سڀ روحاني خزانا ۽ راز انهيءَ دسوان دوار (جنهن
کي بجر ڪپاٽ پڻ سڏيو ويو آهي.) ۾ ئي رکيل آهن.
انهد شبد (جو ئي سچو امرت آهي) حاصل ڪيتا.
جتي پهچي پرماتما ۽ سندس سار شڪتي يعني

"ادست اگوچر پار برهم،
مل ساڌ واکت کتائتا لا.
انهد سبد دسم دئار وڄئو،
تهه امرت نام چئائتا لا."
(مارو محلو ٥، ص- ٢٠

(پار برهم جو شبد جو ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان ٻري
لڪيل ساڌن جي ڪرپا سان پڌي سگهجيٿو. اهو
شبد دسوين دوار ۾ سدائين پيو وڄي ۽ ان مان ا
جي ورکا پئي ٿئي.)

اسان جو من سدائين پيو ڀٽڪي ۽ هڪ کن
... وڃي. من کي استر ۽ شانت رکڻ الع

(هن انساني قالب اندر پرماتما بيشمار نظارا ڪيا
آهن ليڪن ڪنهن گرمک جي ملڻ سان ئي ابياس دواران
انهن کي ڏسي سگهجي ٿو. اسان جي شرير جا نو دوار ته
ڏسڻ ۾ اچن ٿا ليڪن ڏهون دوار جتي انهد شبد جي
گونجار پڌي ٿي سو گپت آهي.)

جيستائين انهيءَ لڪل دسوين دوار کي نه کوليو
ويستائين پرماتما جو درشن نه ٿيندو ۽ اهو ڏهون دوار
جو متين سوکيم منڊلن کي ڏسڻ جو ذريعو آهي سو
شبد يوگ جي ابياس سان کلي سگهي ٿو. الهي پهچي
خوشي، شانتي ۽ گيان جا اکٽ ڀنڊار پراپت ٿين ٿا ۽
الان ٿي اسان جي نج ڌام يعني سچکنڊ جو رستو شروع
ٿئي ٿو.

"نودر ناڪي ڌاوت رهائي،
دسوين نج گهر واسا پائي.
اوٿي انهد سبد وجهه دن راتي،
گرمتي سبد سناوڻا."

(مانجهه محله ٣، ص-١٢٤)

(اي جگياسو! نون دوارن کي بند ڪري پنهنجي
چنچل من کي دسوين دوار ۾ ٽڪائڻ جي ڪوشش
ڪر انهيءَ دسوين دوار ۾ شبد رات ڏينهن پيو گونجي
پر جيستائين پوري گوروءَ جي اپديش مطابق ابياس
نه ڪبو ويستائين اهو شبد ٻڌي نه سگهبو.)

شرير جي باهريان نون دوارن جي سڀ ڪنهنکي،

(گوروءَ جي ڪرپا سان ئي تون پنهنجي اندر ڏري
جو مندر ڏس. شبد جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي ڏري
نام جو خزانو هٿ ايندو.)

”امرت ناوَن جاءِ امرت نام هيءَ،
امرت سبد بيچار، انتر گيان هيءَ.
تر گيان ساچا تان امرت،
دس پرب سدا دساهرا.“

(ڌناسري محلا ١، ص - ٦٨٧)

(امرت لاءِ اشنان ڪرڻ وڃڻ نه پر سچو امرت نام آهي. شبد جو ابياس سچو امرت آهي جنهن گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. گوروءَ جو اپديش ئي امرت آهي، جو ڏسوين دوار کي پار ڪرڻ سان حاصل ٿيندو.)

انهد شبد کي ٻڌڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ورلي شرير جي نون دوارن يعني ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه نڪاتون، هڪ وات ۽ ٻه هيٺيان دوار. انهن کان مٿانهين ڏسوين دوار (جو ٻنهي نيڻن جي وچ ۾ ڪجهه اندر آهي) ۾ ٽڪاڻي ٿيندي. انهيءَ شبد ٻڌڻ کان پوءِ ئي سچي ٻاڻي جي اصليت معلوم ٿئي ٿي.

”اِس ڪايا اندر وست اسنکا،
گرمک ساچ ملي تا ويکا.
نؤ دروازي دسوين مڪتا،
انهد سبد وڄاوڻيا.“

(... محلا ٣، ص - ١١٠)

"من ٻڌوءِ ڀاءِ سياڻي هي."
(مارو محلو ٣، ص-١٠٤٦)

(جو شبد اڀياس ذريعي مري ٿو سو سڀني پورن پرش آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته مون ٻهن جي سورمي ستگوروءَ دوارا ٿي اهو شبد ٻڌو. هن ڪايا اندر ئي امرتسر يعني امرت جو سرووَر آهي. پريم ۽ ڀڳتيءَ ذريعي من انهيءَ امرت کي پيئي ٿو.)

گورو صاحب سمجهائين ٿا ته سچي امرتسر جتي سچو امرت پراپت ٿيندو سا منش ديهه جي اندر آهي. باهرين امرتسر جو ته اسان کي سنمان ڪرڻ جڳائي، ڇاڪاڻ جو اها ته اندرين امرتسر جو نمونو آهي. اسين باهر تيرٿ ياترا ڪرڻ وڃون ٿا ۽ انهيءَ ۾ ڪيئن ڪشٽ سهون ٿا. پر انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪونه ڪريون ته سچو **تيرٿ آستان انساني وجود جي اندر آهي.** منش ديهي پرماتما جو سچو مندر آهي ۽ انهيءَ اندر ئي پرماتما جو ساکيات درشن ٿي سگهندو، بشرطيڪ اسين شبد جي ڪمائي ڪري انهيءَ مندر جي اندر وڃون.

"گر پرسادي ديکه تون،
هر مندر تيري نال.
هر مندر سبدي کوجيئا،
هر نامو ليهه سمهال."
(پرڀاتي محلو ٣، ص-١٣٤٦)

اسانجي وجود اندر اهڙا گهڻيئي مرڪز آهن جن
تي ڌيان ايڪاگر ڪرڻ سان چيتنتا جي مختلف منڊلن کي
ڏسي سگهجي ٿو. سرت شبد يوگ ۾ ٻنهي اکين جي ڌيان
کي ٽيسري ٽل ۾ ايڪاگر ڪرڻو پوندو آهي ۽ پوءِ اتان مٿين
روحاني ديشن جي چڙهائي شروع ٿيندي. اهڙي طرح
جيئري ئي موت جي گهاٽي پار ٿيندي.

"مئيا جنت گهر جائيندي،
تت جيو ديا مرمار."

(سري راگ محله ١، ص-٢١

(جنهن موت وقت وڃڻو آهي اهو جيئري مري
ڇڏيج.)

جنهن وقت موت ٿيندو آ ته خيال هٿن پيرن مان
نڪري نيڻن جي پويان ٽيسري ٽل ۾ اچي ڪٺو ٿيندو
آهي. شبد ابياس دواران اها حالت جيئري ئي پيدا
ڪري سگهجي ٿي. ليڪن فرق اهو ئي آهي ته جيترو
چيتن ڌارا استول دنيا کان مٿين منڊلن ۾ رهي ٿي
ته به شرير سان تعلق قائم رهندو ۽ سواس جو سلسلو جاري
رهي ٿو پر ڌيمي رفتار سان. اهڙيءَ ريت شبد يوگ
جي ساڌن سان اسين شرير کان الڳ ٿي مٿين منڊلن جو
سير ڪري وري واپس شرير ۾ اچي سگهون ٿا.

"سبد مري سوئي جن پورا،
ستگر آک سنائي سورا.
ڪائيا اندر امرت سر ساچا،

ڀاڪاڻ ته ٻاهر صرف ڀرم آهي.

"سڀ ڪڇ گهر مهه ٻاهر ناهي،
ٻاهر ٽولي سو ڀرم ڀلاهي."

(مانجهه محله ٥، ص- ١٠٢)

(سڀ ڪڇ شرير اندر آهي ۽ جيڪو ٻاهر ٿو ڳولهي سو ڀرم ۾ آهي.)

کنڊن برهمنڊن جي جاڻ پڻهنجي اندر يعني شرير اندر وچڻ سان ٿيندي.

"ڪائيا اندر سڀ ڪڇ وسيءَ،
کنڊ منڊل پاتالا."

(سوهي محله ٣، ص- ٧٥٤)

(کنڊ، منڊل ۽ پاتال سڀ شرير اندر آهن.)

پرماتما به شرير اندر آهي.

"ڪائيا اندر آپي وسيءَ."

(سوهي محله ٣، ص- ٧٥٤)

(پرماتما شرير اندر آهي.)

سچو امرت جو اسانکي ابدي روحاني زندگي بخشي ٿو سو به اسانجي ديهه اندر آهي.

"ٽوٽڌ امرت هريه ڪا نام،
ديهي مهه اس ڪا بسرام."

(گوڙي سکمني محله ٥، ص- ٢٩٣)

(پربوءَ جو نام ئي نو خزانا ۽ امرت آهي ۽ اهو نام انسان جي اندر آهي.)

„ گر کا بچن بسي جيئہ نالي،
جل نهي ڊوبي، تسڪر نهي ليوي،
ڀاهِ نہ ساڪي جالي."
(ڌناسري محلہ ۵، ص-۶۷۹.)

(گوروءَ جو نام شرير اندر آهي ۽ انهيءَ کي نکي پاڻي ٻوڙي ٿو سگهي، نکي باهہ ساڙي ٿي سگهي نکو چور چورائي ٿو سگهي.)
انهيءَ نام کي انهد شبد ڪوٺجي ٿو ۽ گورو نے انهيءَ کي پنهنجي اندر ۾ گهٽ ڪرڻ جو طريقو ٻڌائيندو.
اهو نام سڀني سکن جو داتا ۽ شانتي جو ڀنڊار آهي.

„سڀ رس ڏسي اندر پائي،
ورلي کہ گر سبد ٻجهائي،
اندر کوجي شبد سالاهي،
باهر ڪاهي جاهاهي."
(مارو محلہ ۳، ص-۱۰۵۶

(پرماتما سڀ سک انساني قالب اندر رکيا آ
ليڪن جاڻن اهي ٿا جيڪي گوروءَ جي ڪرپا ڏوا
ان کي ڳولين ٿا. انهيءَ ڪري پيارا، پنهنجي اندر
۽ شبد جي ڪمائي ڪر. باهر ڳولهڻ وِرٿ آهي.)
پنهنجي اندر ڪن خاص مرڪزن ۾ پنهنجو
ظاهر ڪرڻ سان پرماتما جو درشن پنهنجي اند
. سو ڪير منڊلن ۾ اڏامڻ لاءِ خود سو ڪير ايڻو
ٿيڻ لاءِ اساڪي پرماتما جي ڳولا باهر نہ ڪرڻ

٢. سڀ ڪجهه انسان جي اندر آهي

جيڪڏهن اسين نام جي کوج ٻاهر ڪنداسين تہ سان کي سچو نام جنهن ذريعي مڪتي ٿيندي اهو نہ، صرف ڪڏهن نہ ڪڏهن پاشا جا اکر ملندا.

"سربرهہ پالن کو باهر جائي،
نام نہ لهي بهت وڳار دکہ پائي."

(مانجهہ محلہ ٣، ص. ١٢٤.)

(جيڪو نام جي کوج شرير اندر نٿو ڪري بلڪ انهيءَ کي ٻاهر ڳولهي ٿو سو ڏاڍو ڏکي وقت اجايو وڃائي ٿو.)

نام کي ٻاهر ڳولهڻ آهي اجايو وقت برباد ڪرڻ ڇاڪاڻ تہ نام ڪا جسماني وستو نہ آهي ۽ ٻڌي ۽ اندرين جي دائري کان مٿي آهي. ٻڌي جي اندر شونيتر ۾ چت جي ورتين کي ايڪاگر ڪرڻ سان انهيءَ کي ٻڌي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري نام ٻڌجي شرير اندر ئي ملندو.

اهو سچو نام گوبند ۽ گوروءَ جو انادي نام آهي ۽ ڪڏهن بہ ناس نٿو ٿئي ۽ هروقت شش جي روحاني ترقي جي سنڀال ڪري ٿو.

گرمک نام جوي اڏري ۽ سو،
کل مهه گهٽ گهٽ نانڪ مانجها."

(سوهي محلہ ٥، ص — ٧٤١.)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته ڪترين، برهمڻن، سودرن ۽ وئشن چئني ورڻن کي اسانجو سانجهو اپديش آهي. جيڪو ڪنهن پورن سنت کان نام وٺي ان جي ڪمائي ڪندو، انجي مڪتي ٿيندي ۽ اهو شبد هر هڪ جي اندر موجود آهي.)

ليڪن پنهنجي اندر وچ سان ئي انهي ۽ شبد کي ٻاڌي سگهجي ٿو.

هي مايا وي سنسار سڀني وانگر آهي ۽ چمتائن ۽
کن سان پريو پيو آهي. انهن سڀني ڪليشن کان ڇٽڻ
، اُپاءُ صرف هڪ آهي ۽ اهو آهي شبد جي ڪمائي،

”نانڪ مائيا ڪا دک تدي چوڪيءَ،
جا گر سبدي چت لائي.“

(گوڙي محل ٣، ص. ٢٤٧.)

(گورو صاحب فرمائين ٿا ته مايا جو دک تڏهن ختم
ٿيندو جڏهن چت جي ورتي شبد سان جڙندي.)

جڏهن آتما پنهنجي نج ڌام يعني سچکنڊ پهچي ٿي
تڏهن جيو جا سڀ دک ۽ درد دور ٿيو وڃن. ۽ اتي
پهچڻ جو هڪ ئي ذريعو آهي ۽ اهو آهي شبد جي
ڪمائي.

”گرمک جاءِ مليءَ نج محلي،
انهد سبد بجاونگو.“

(ڪانڙا محل ٤، ص. ١٣١٠)

(جيڪڏهن ڪو گرمک ملي ۽ هنجي هدايت انوسار
انهد شبد جي ڪمائي ڪجي ته پوءِ نج محل يعني
سچکنڊ ۾ نواس مليٿو.)

اهو انهد شبد سڀني قومن، ملڪن ۽ مذهبن جي
ماڻهن لاءِ سمان آهي ۽ ابياس ذريعي هر ڪو ان کي
پنهنجي اندر ٻڌي سگهيٿو.

”کتري براهمن سود ويش،
اپديس چهو ورنا ڪو سانجها

ڪري ٿو سچو امرت شبد ۾ سمايل آهي.

”جهه جهه برسي امرت ڌارا،
من پيوي سن سبد اچارا.“
(ماجهه محلا ٥، ص-

(امرت جي ورکا ره جهه پيئي وسي ۽ شبد پڙهڻ سان من اهڙي کي ٺڪي ٿو.)

ڪل مالڪ کي روپ رنگ يا ذات ات ڪونه جنهن کي اسين باهرين حواسن سان ڏسي سگهون ليڪن شبد دوارا مالڪ جو درشن پراپت ٿئي ٿو.

”ناس روپ ورن نهي ريکيا،
ساچي سبد نيسان.“
(سورٺ محلا ١، ص- ٩٧

(پرماتما جو ڪوبه روپ يا رنگ ڪونهي. سند سچي نشاني شبد آهي.)

اسين هن وقت مايا جي موهه روپي ننڊ ۾ س آهيون ۽ نانا پرڪارن جا سپنا پيا لهون. شبد ابيا ذريعي اسين جاڳي سچ جي پراپتي ڪري سگهون

”جو جاڳي سي ابري، سوئي گئي مهاءِ،
سچا سبد نه پڇاڻيئو، سپنا گئيا بهاءِ.“
(سري راگ محلا ٣، ص- ٣٤

(جيڪو جاڳي ٿو سو ئي موڪش پائي ٿو، جيڪ سمهي ٿو سو لٽجي ٿو. جيڪو سچو شبد نٿو اڃاڻي پنهنجي خيالي سپني ۾ گذاري ٿو.)

نتي رهي ئي نام يا شبد جي ڪمائي لاء سڀ کان
اونو وقت آهي.

”ناءِ ٻر ياٿي سبد ڌ ٿائيڻي،
ڇوڊهــ ڏنـي ٻـر يـتا.“

(ٻر ياٿي محلہ ا، ص- ١٣٣٠)

(پيارا، ٻـرياڻ جو اٿي نام يا شبد جي ڪمائي
ڪر ۽ سنسار جو سڀ موهہ ۽ ممتا ڇڏ.)

صرف شبد ذريعي ئي پرماتما جو گيان پراپت ٿي سگهي
. جڏهن پورن سنت ڪنهنکي نام ڏئي ٿو تہ هو
ڪ صرف منتر جپڻ لاء نٿو ڏئي بلڪ پنهنجي شيوڪ
، آتما کي شبد سان جوڙي ٿو. جيڪڏهن ڪو مهاتما
ف گورو منتر ڏئي ٿو ۽ آتما کي انهد شبد سان
جوڙي تہ اهڙو نام سچو نام ناهي ڇاڪاڻ تہ انهد
ئي پرماتما جو سچو نام آهي.

اسين عالم فاضل ماڻهن کي گياني ڪوٺيون ٿا پر
گياني اهو آهي جنهن شبد يوگ دوارا پنهنجي
شبد سان ناتو جوڙيو آهي.

”سو گياني جن سبد اولائي.“

(بلاول استپد ٿيان محلہ ا، ص- ١٣١)

(سچو گياني اهو آهي جنهن پنهنجي لنو شبد سان
لائي آهي.)

انهيءَ الاهي گيت جي سِرون ڪرڻ بنان سچو گيان
آنڌ ...

" کل کيرت سبد ٻچان ،
ابها ٻکمت چوکي ايمان ."
(آسا محله ٣، ص - ٤٢٤)

(کاڇکہ ۽ انهد شبد نـي کيرتن آهي . الوت
کيرتن جي ڀڳتي کرڻ سان ئي اهم ياو نکرڻ.)
اهڙي سچو کيرتن آهي . اسين پڇون ٿا ؛
ساز وڄايون ٿا ؛ انهيءَ کي کيرتن سمجهون ٿا . انهيءَ
۾ شڪ کونهي تہ اهو بہ کيرتن آهي چاکاڻ تہ پڇن
۾ بہ پرڀوءَ جي ئي مهما آهي پر سنگورن جي سکي
موجب سچو کيرتن شبد روپ جو اڀياس آهي جنهن
دواران آتما پرماتما ۾ سمائجي ٿي .
" هر کيرت اتم نام هي ،
وڄ کاڇکہ کـرني سار ."
(کانڙي کي وار، محله ٤، ص - ٣١٤

(سـب کان اتم پرماتما جي استت آهي نام ؛ کاڇکہ
۾ اهائي سار کرڻي آهي .)
اهوئي اکنڊ کيرتن آهي چاکاڻ تہ اهو راتڻ ڏينهن
اسانجي اندر جاري آهي، جڏهن اسين ڳايون ٿا يا
پڙهون ٿا تہ اهو اکنڊ کيرتن ئي نہ سگهي جا
تہ پڙهندي بہ وچ ۾ رڪجو ٿو پوي . ليکن پرماتما
سچو نام، جو شبد روپ ۾ هر وقت جاري آهي ؛
جود آهي ؛ جنهنکي اسين پنهنجي اندر ٻڌي س
اهوئي اکنڊ کيرتن آهي . امرت ويلو جڏهن

اها باڻي خود بخود وڃي رهي آهي.
"باڻي وڃي سبد وڃائي."
(مانجهه محلا ٣، ص - ١٢٢)

(باڻي يا شبد سدائين پيو وڃي ۽ گونجي.)
شبد بنان آتما اندي آهي ۽ پرماتما تائين ڪيئن پهچندي؟

"سبد بنان سرت اندري،
ڪهو ڪهان ڪو جائي.
دئار نا پاوي سبد ڪا،
ڦر ڦر ڀٽڪا کائي."
(ڪبير صاحب)

(شبد بنا سرت اندي آهي ۽ ٻڌايو ته ڪيڏانهن وڃي؟ انهيءَ حالت ۾ شبد جو در هٿ نٿو اچي ۽ انهيءَ ڪري وري جنم مرڻ ۾ ڀٽڪڻو پوٿو.)

انهيءَ ڪري مايا ۽ اگيان جي اندڌاري مان نڪري مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ اسانکي انهي نرمل شبد جي کوج ڪرڻي پوندي، اهو شبد ئي سچو ڪيرتن آهي ۽ اهو ڪيرتن هر وقت انسان جي مستڪ ۾ ئي رهيو آهي ۽ پنهنجي چيتنتا کي "تيسري تل" ۾ ايڪاگر ڪرڻ سان انهيءَ ڪيرتن کي ٻڌي سگهجيٿو. اهو ئي سچو ڪيرتن آهي ۽ ڪلجگ ۾ انهيءَ ڪيرتن يا شبد يوگ جي ابياس جهڙو ٻيو ڪوبه آسان سادن ڪونهي.

دراصل پرماتما، آتما ۽ انهد شبد هڪ آهن. پرماتما هڪ وشال ساگر آهي، آتما انهيءَ جي هڪ بوند ۽ شبد هڪ ڀاري ندي آهي جا انهيءَ ساگر مان نڪري ٿي ۽ ڪنڌن برهمنڊن کي پاڻي ڏيئي يعني پيدا ڪري واپس وڃو ساگر ۾ سمائجي ٿي. انهيءَ ڪري آتما کي جڏهن انهيءَ نرمل شبد طرف موڙجي ٿو ته، جيئن مقناطيس شيءِ کي ڇڪيندو آهي تيئن هو کيس ڇڪي ڪل مالڪ وٽ پهچائي ٿو.

"باڻي لاڳيءَ سوگت پائي،
سبدي سچ سمائي."

(رامڪلي محله ۳، ص - ۹۱۰)

(جيڪو پراڻي پنهنجو خيال سچي باڻيءَ سان جوڙي ٿو تنهنکي مڪتي حاصل ٿيئي ٿي. انهي ڪري پاڻي! تون پنهنجي من کي انهيءَ باڻيءَ سان جوڙ.)

باڻي سڀني انسانن جي اندر موجود آهي پر جيڪو اڀياس ڪري انهيءَ کي ٻڌي ٿو سو سچو گيان ۽ موڪش پائيندو.

"گر ڪي باڻي سڀ ماهه سماڻي،
آپ سڻي لي آپ وکاڻي.
جن جن جپي تيئي سڀ نستري،
تن پائيا نهچل ٿاناهي."

(مارو محله ۵، ص - ۱۰۷۵)

شبد کي گورو صاحبن 'باڻي' به سڏيو آهي.

" گهٽ انتري ساچي باڻي."

(سوهي محلہ ۳، ص - ۷۶۹)

(سچي باڻي اسانجي شرير اندر آهي.)

اهو شبد يا باڻي ابناسي آهي ۽ جنهن کان اسانجي اندر وڄي رهي آهي.

" باڻي وڄي چهه جگي،
سچو سچ سماء."

(سري راڳ محلہ ۳، ص - ۳۵)

(اها باڻي چئن جگن کان وڄندي آئي آهي ۽ سچ جو پيغام ڏئي آئي.)

انهيءَ شڪتي کي انهد شبد ڪوٺيو ويو آهي.

" انهد باڻي گرمک جاڻي،
بِرلو کو ارٿاوي."

(رامڪلي محلہ ۱، ص - ۹۴۵)

(انهد شبد جو ڀيد گورمک وٽان مليتو پر ڪو ورلو انهيءَ کي پڪڙي ٿو.)

اهو انهد شبد پرماتما جي در تي وڄي رهيو آهي.

" انهد رُن جهڻڪار سدا ڌُنِ،
نربھ ڪي گهر واڄدا."

(مارو محلہ ۱، ص - ۱۰۳۳)

(انهد جي جهڻڪار نربهؤ پرماتما جي گهر سدائين پئي وڄي.)

نام ۾ رچنا رچي آهي ۽ نام ئي [illegible]
جو سهارو آهي.

” نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ،
نام ڪي ڌاري آڪاس پاتال. “

(گوڙي سکمني محلہ ۵، ص - ۲۸۴)

(سڀ کنڊ برهمنڊ ۽ آڪاش پاتال نام جي آڌار تي ٻيٺل آهن.)

” الپت پرلئہ سبدي هووي،
سبدي هي ڦر اوپت هووي. “

(مانجهہ محلہ ۳، ص - ۱۱۷)

(شبد جي ذريعي اُتپتي ۽ پرلئہ ٿيندي ۽ وري جڏهن رچنا رچجي ٿي تہ اها بہ شبد جي ذريعي.)

اهو سرو شڪتيوان شبد هرهڪ اِنسان جي اندر آهي.

” سبدي ڌرتي سبدي اڪاس،
سبدي سبد هوئا پرڪاس،
سگلي سرشٽ سبد ڪي پاڇي،
نانڪ سبد گهٽي گهٽ آڇي. “

(پران سنگلي، نانڪ صاحب)

(شبد ڌرتي بنائي ۽ شبد آڪاش بنايو. سڀ طرف شبد جو پرڪاش آهي بلڪ ساري سرشٽي شبد جي آڌار تي ٻيٺل آهي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهو شبد هرهڪ اِنسان جي گهٽ ۾ آهي.)

'باڻي'، 'نرالي'، 'شبد'، 'سار شبد'، 'ست شبد'، 'ڌن
شبد ڌن'، 'انهد باڻي'، 'انهد شبد'، 'اڪٿ ڪٿا'،
'اڃپا جاپ'، 'سچ'، 'هڪم'، 'ناٿ'، 'ڪيرتن'، 'اڪٿ
ڪيرتن'. اهڙيءَ 'نام' بابت گورو صاحب جن لکن ٿا:-

" اکي باجهه ويکنا، وڻ ڪنا سننا،
پيرا باجهه چلنا، وڻ هٿا ڪرنا.
جيڀي باجهه بولنا، اِءُ جيوت مرنا،
نانڪ هڪم پڇاڻي، تئه خصمي ملنا."
(ماجهه کي وار محلا ۲، ص - ۱۳۹)

(جيئن 'نام' کي باڻي پرماتما جي پراپتي لکيٽي
اهڙيءَ نه اکين ڏسي ٿيون سگهجن، نه ڪن ٻڌي ٿا
سگهن، جيڀ نه هٿ پير اهڙي ٿا سگهن ۽ نه انکي
زبان بيان ٿي ڪري سگهجي.)

اهڙيءَ 'نام' ٻيا 'هڪم' سڀ روپ ۾ شڪليون
ساڌون.

"هڪمي هوون آڪار."
(جپ صاحب، ص - ۱)
(هڪم جي ذريعي مختلف آڪار ٺهن ٿا.)
اهڙيءَ هڪم ۽ نام ٿي سڀ رچنا رچي.
"آپي ٿي سڀ ڪڇه هوتا."
(واک سرجي محلا ۳، ص - ۲۵۳)
ڪڇه نام سانو آهي.)

١. شبد

اِنسان جي زندگيءَ جو مکيہ مقصد آهي 'پرماتما جي سچي نام' جي پراپتي ۽ ٻيا سڀ ڪم ۽ مقصد انهيءَ کان هيٺ آهن.

"نام بنا سڀ ڪوڙ، ڳالي هوڇيا."
(راڳ سوهي محلہ ٥، ص - ٧٦١)

('نام' ٻنان ٻيو سڀ فنا ۽ بي معنيٰ آهي.)

'نام' ئي سچو رتن آهي ۽ ٻيو سڀ مايا جو ڪوڙو پسارو آهي. انهيءَ ڪري اسانکي جڳائي تہ انهيءَ کي پائڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪري پنهنجي زندگي سڦل بنايون. هاڻ ڏسون تہ 'پرماتما جو سچو نام' آهي ڇا؟

جيئن هن مالا جي پهرئين پستڪ ۾ سمجهايو ويو آهي تہ 'پرماتما جو سچو نام' ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڪو لفظ ڪونهي ۽ انهيءَ کي زبان سان اُچاري نٿو سگهجي ۽ نکو عقل ٻڌيءَ سان انهيءَ کي سمجهي ٿو سگهجي. اهو 'ايشوري گيت يا سنگيت' آهي. جنهنکي 'انهد شبد' تہ چئجي. گورو گرنٿ صاحب ۾ انهيءَ کي ڪيترن لفظن ذريعي بيان ڪيو ويو آهي جهڙوڪ 'نام'

... [illegible] ۽ اهو صرف شبد جي
... [illegible] آهي) ته پوءِ اسانکي چوراسي
... [illegible] ٿيندا. ڪرم چڱا: جهڙوڪ ٻيا ٻيا، اهي
اسان [illegible] کي ختم نٿا ڪري سگهون. ڇاڪاڻ
ڪرڻ جو ڦل سٺو ۽ خراب ڪرمن جو ڦل برو ملندو،
[illegible] ڪرمن جي دائري مان ڇوٽڪارو نٿو ٿئي.
جڏهن پرماتما جي ڪرپا ٿئي ٿي ۽ "انهد شبد"
جي ڪمائي ڪجي ٿي تڏهن ئي آواگون جو چڪر ختم
ٿئي ٿو. پرماتما کي پائڻ ۽ امر سک ۽ شانتي حاصل
ڪرڻ جو ساڌن آهي انهد شبد جي ڪمائي.
نوٽ:- پاڻيءَ جا سڀ حوالا گورو گرنٿ صاحب
جنهن جا ۱۴۳۰ صفحا آهن، تان ورتا ويا آهن. ص. جو
مطلب آهي "صفحو".

(پاڻي! جڏهن مڪش ڏيھ لاءِ ديو ديوتائون بہ پيا
سڪن سا تون هريءَ جي ڀڄن ۾ لڳاءِ.)

ديو ديوتا انساني چولي ۾ ڪيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳي رهيا آهن. ليڪن هن حالت ۾ هو ڪڏهن پورن سنت ستگوروءَ کان اپديش وٺي نام جي ڪمائي ڪري پرماتما کي پائي نٿا سگهن. اهو اڌڪار فقط انسان کي آهي ۽ انهيءَ ڪري هو بہ انساني چولي لاءِ واجهائين ٿا.

جڏهن ڏيھ ۾ پرڀوءَ کي پائي امر سک ۽ شانتي حاصل ٿئي اها سڀاويڪ سڀني کان سرشٽ سمجهڻ کپي ۽ اها آهي مڪش ڏيھ. انهيءَ ڪري هميشہ جي اهو وجهہ هتان واپس ڪڏهن سنت جي سنگت نہ ڪئيسين تہ وري جنم مرڻ جو چڪر ڀوڳڻو پوندو.

”لک چوراسيھ جون سباڻي،
مانس ڪئہ پريت ڏيئي وڏائي،
اس پوڙي تي جو نر چوڪي،
سو آءِ جاءِ دک پائدا.“

(مارو سولهي محلہ ۵، ص-۱۷۵)

(چوراسي لک جونين ۾ مڪش ڏيھ الم آهي. انهيءَ ڏاڪي تان جيڪو ڪرندو سو جنم مرڻ جو دک ڀوڳيندو.)

جي هيڊراسين ”اهہ ڪرمي“ نہ ٿياسين (يعني ڪرمن

(گرو صاحب جن فرمائين ٿا تہ اي انسان! تو ڪيئن جهر ڪيڙن ۽ پتنگن جا پالڻ، ڪيئن جهر هاٿين مڇين ۽ هرڻن جا پالڻ ڪئين؛ پيرا لون پکي ۽ نانگ ٿئين. انيڪ وار تو گهوڙن ۽ وڻن جون جونيون ڌارڻ ڪيون. گهڻي مدت کان پوءِ تو کي نر ديهي ملي آهي، هاڻي همت ڪري هريءَ سان مل ۽ اهو موقعو هٿان نہ وڃاءِ.)

منش ديهہ ٻين سڀني جونين کان اتم مڃي ويئي آهي ڇاڪاڻ تہ مڪتي ۽ پرڀو پراپتي صرف انساني جامي ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي. ٻين سڀني جونين کي "ڀوڳ جونيون" ٿو سڏجي ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪيل انساني جامي ۾ ڪيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳجي ٿو. ليڪن منش ديهہ کي "ڪرم جوني" ڪوٺجي ٿو ڇاڪاڻ تہ انسان کي ڪرم ڪرڻ جي آزادي آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪرم پوءِ نيڪ هجن يا بد انهن جي ذميواري بہ مٿانئس آهي. انساني چولي ۾ ئي پوري گروءَ جي کوج ڪري ڪانئس نام جو ڀيد وٺي ۽ ڪمائي ڪري مڪتي پراپت ڪري سگهجي ٿي. ديوي ديوتائن کان بہ انسان افضل آهي ڇاڪاڻ تہ گورو ڀڳتي ۽ نام جي ڪمائي صرف انهن ۾ ڪري سگهجي ٿي.

"اس ديهي ڪئو سمرهہ ديو،
سو ديهي ڀج هرڪي سيو."
(ڀيرو ناڻي سري ڪبير جي، صہ ١١٤٠)

واپس سڏڻ آيو آهي ۽ سهج ڏن کي پڪڙي لون
پنهنجي گهر مرڻي آهي. انهيءَ سڀ دک ۽ سنتاپ
هريءَ پاڻ نواريا آهن.)
ليڪن صد افسوس! اسين غافل جيو انهيءَ سنتن
ڏي ڌيان ئي ڪونه ٿا ڏيون. اسانکي وشيه وڪارن
جو اهڙو زهر ۽ من مايا جو اهڙو نشو چڙهيل آهي
جو اسين انهيءَ مالڪ جي پيارن سان لڙون ٿا ۽ اوهين
اهڙيون الٽيون سکيائون ڏيو ڇو ٿا؟
ستگورن جي ٻي سکيا آهي ته منش چولو ٻين
سڀني جونين کان اتم آهي. ليڪن اسين من جي اڌين
ٿي نانا پرڪارن جا ڪرم پيا ڪيون جنهن سبب اسين
ڪال جي چوراسيءَ جي چڪر ۾ پيا ڦرون. ڪڏهن
ڪهڙيجون ۾ ته ڪڏهن ڪهڙيءَ ۾. صرف منش جنم
۾ ئي اسين انهيءَ چوراسيءَ جي چڪر کان ڇوٽڪارو
پائي پرماتما سان ملي مڪتي حاصل ڪري ٿا سگهون.

”ڪٿي جنم ڀٽي ڪيٽ پتنگا،
ڪٿي جنم گج مين ڪرنگا،
ڪٿي جنم پکي سرپ هوئيو،
ڪٿي جنم هيور اوک جوئيو،
مل جگديس ملن کي بريا،
چرنڪال اهه ديهه سنجرئيا.“
(گوڙي گتاربري محل ۵، ص. ۱۷٦)

ستيه جو اکت پندار آهي ۽ جتي اسانجو مالڪ ستنام يا نرنڪار رهي ٿو. اهو ديش سچي کيان، نرمل ابر ۽ امر شانتيءَ جو منبل آهي ۽ ڪال، مايا، پرلي ۽ مها پرلي کان دور آهي.

”امر پند پٽي ساڌو سنگ،
جنم مرڻ دوئو مت گئيا.“

(ملاول محل ۴، ص-۸۳۵)

(ساڌوءَ جي سنگت ذريعي امر پد پراپت ٿئي ٿو؛ جنم مرڻ ختم ٿئي ٿو.)

اسانجو اصلي ڌام امر پد يعني سچکنڊ آهي پر من مايا جي جار ۾ ڦاسي اسين پنهنجي اصلي ڌام کي بلڪل وساري ويٺا آهيون. سنت انهيءَ انهاسي ديش مان اسان وچڙيل بالڪن کي پنهنجي پرم پتا پرماتما سان ملائڻ لاءِ اچن ٿا.

”جن ڪم پيڃي لنهي بلائي،
سک سهج سيتي گهر آءِ،
ڪم گهر آوهو ميري ميت،
ڪري دوکي هر آپ نواري،
آپدا پيٽي بتيت.“

(ڌناسري محل ۵، ص-۶۷۸)

(گورو صاحب فرمائين ٿا تہ اي آتما! جنهن پرماتما توکي هتي موڪليو آهي سوئي ستگورو بڻجي توکي

من کي سهارو ڏيڻ واري شڪتي آتما آهي. من به در اصل جوت سروپ آهي.

”من توُن جوت سروپ هئين،
اپنا مول پڇان.“

(آسا محله ٣، ص-٤٤١)

(اي من! تنهنجو اصلي روپ جوت آهي ۽ تون پنهنجي نج روپ کي ڄاڻ.)

ٻرهاپڊ ۾ پرماتما جو سروپ جوت آهي جنهنجون هڪ هزار پنکڙيون آهن. شبد يوگ جي سادنا ذريعي من انهيءَ جوت ۾ سمائجي ٿو. انهيءَ کان مٿي ٽرڪٽي يا برهم ۾ پرماتما جو سروپ اُلي جو لعل سورج آهي. اسانجو من برهم جو انس آهي ۽ اُلي پهچي برهم ۾ لين ٿيو وڃي.

پر آتما جو نج ڌام انهيءَ کان به مٿي سچکنڊ آهي. شرير ۽ من نه صرف آتما جي مٿان پڙدا آهن جن ڏواران هوءَ استول ۽ سوکيم منڊلن ۾ ڪم ڪري ٿي. جهڙيءَ طرح هن استول دنيا ۾ اسين استول شرير ڏواران هلون چلون ٿا ٺيڪ سوکيم ۽ ڪارڻ ديشن ۾ سوکيم ۽ ڪارڻ شرير ڏواران ڪم ڪار ڪجي ٿو. ليڪن سوکيم ۽ ڪارڻ منڊلن کان مٿي پار برهم ۽ سچکنڊ ۾ صرف آتما ئي وڃي سگهي ٿي.

اسانجو اصلي ديش آهي سچکنڊ، جو روحانيت ۽

ڌاريو ويو آهي. ادبي سونهن جي نقطہ نگاهہ کان شايد
اهو زيبائتو نہ هجي پر ستگورن جي سکيا ۽ سڌن
اصول اهڙا تہ اهم ۽ وزندار آهن جو انهن کي ور ور
ڪري دهرائڻ ضروري آهي.

انهيءَ باري ۾ اسانکي هڪ ننڍڙي ڳالهہ ياد ٿي
اچي. انگلنڊ جي هڪ مشهور ودوان گورو گرنٿ
صاحب پڙهڻ شروع ڪيو. جڏهن هن انجو ڪجهہ حصو
پڙهيو تہ اها شڪايت ڪيائين تہ گورو صاحبن تہ ڦيري
گهيري ساڳيون ڳالهيون لکيون آهي. انهيءَ باري ۾
اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ نہ صرف گرنٿ صاحب ۾
بلڪ سڀني سنتن جي باڻيءَ ۾ اهو دهرائڻ نظر ايندو.
سنت اسانجي پرم پتا جو سڀهو ڪٿي اسانکي چتائڻا
اچيتا. انهيءَ ڪري هو ڪئين نمونن سان ورائي ڦيرائي
اهو سڀهو اسان جيون کي ڏيندا. پر افسوس! انهيءَ
ور ور دهرائڻ جي باوجود بہ اسين اهڙا تہ اڇيت آهيون
جو سڌن انهيءَ روحاني سنديش تي عمل ڪرڻ لاءِ
درڪار صرف ڌيان ڏيڻ يا ٻڌڻ ۽ وچارڻ لاءِ بہ تيار
نہ آهيون. هيتر بہ وقت ڪونہ ويو آهي. اچو تہ اسين
سڌن سکيا تي ويچار ڪريون ۽ سڌن اپديش انوسار
ڪار ڪمايون.

'ستگورن جي سکيا' جا اهم اصول هي آهن:-

١- انسان صرف جسماني بناوت ناهي ۽ شرير

ڀومڪا

هي 'ستگورن جي سکيا' مالا جو چوٿون ۽ آخري پستڪ آهي. ٻهرئين پستڪ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته پرماتما جو سچو نام ڪنهن به ڀاشا جو ڪو لفظ ڪونهي ليڪن 'آڪاش واڻي' يا 'الاهي گيت' آهي جنهن کي گورو صاحبن 'نام'، 'ٻاڻي' يا 'انهد شبد' به ڪوٺيو آهي. ٽين ڀاڱي ۾ اسان ڏٺو ته صرف ڪو موجوده سنت يا پورن گوروئي اساجي آتما کي انهيءَ انهد شبد سان جوڙي سگهي ٿو. ٽئين ڀاڱي ۾ ڀڳتيءَ جي وشيه تي پرڪاش وڌو ويو آهي ته اهڙي پوري سنت لاءِ اسانکي ڪيتري نه پريت ۽ شردا هئڻ جڳائي.

هن چوٿين ۽ آخرين ڀاڱي ۾ انهيءَ تي وچار ڪيو ويندو ته هدن اوچن سکيائن جو سار ڪتو ڪهڙو آهي ۽ ڪيئن ان کي عملي جيون ۾ ڪم آڻجي.

هن آخرين ڀاڱي ۾ جن نه اصولن کي 'ستگورن جي سکيا' جو سار سمجهي بيان ڪيو ويو آهي تن سڀني جو نه صرف ذڪر ۽ زوردار لفظن ۾ سمجهاڻي ٻهرين ٽن ڀاڱن ۾ ڏني وئي آهي. مالا جي سڀني پستڪن ۾ گهڻو ڪري سنت مت جي سڌانتن کي ورې وري

”سنتن کي سُڻ ساچي ساکي،
سو ٻوله جو پيکھ آکي.“

(رام ڪلي محلہ ۵، ص-۸۹۴)

(اي جڳياسو! تون سنتن جي ساکي ڌيان سان ٻڌ
چاڪاڻ ته هو اهو ئي اپديش ڪندا جيڪي هو پنهنجن
اندران اکين سان ڏسن ٿا.)

سنگورن جي سکيا

۴. سچو سار

مھاڳ

پروفيسر ايل- آر- پُري هڪ پرامي ستسنگي، ۽ تجربيڪار ليکڪ آهي ۽ هن ڪان اڳ سندس انگريزيءَ ۾ لکيل پستڪ جا ٢ ڀاڱا، Mysticism

The Spiritual Path- Vol. I and Vol. II

ڪافي لوڪ پريہ ثابت ٿيا آهن.

هتي سندي ستسنگين ۽ پرمارٿي پريمين جي لاڀ لاءِ سندس انگريزيءَ ۾ لکيل

"Teachings of the Gurus"

مالا جي چوٿين ڀاڱي

"True Conclusion"

جو سندي انواد ڏنو ويو آهي.

آشا آهي تہ انهيءَ جي پڙهڻ سان گورو ڪرامت صاحب ۾ ڏنل ستگورن جي سکيا صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ۾ ايندي.

شري ميگهارام ديال، اجمير نواسيءَ هن پستڪ جو سندي انواد ڪري ڇپائڻ جو پربند ڪيو.

راڌا سوامي ستسنگ
بياس

ڪي- ايل- کنا
سيڪريٽري

Published by: K. L. Khanna
Secretary, Radha Soami Satsang,
Beas (Punjab)

دفعہ [illegible] ۱۹۶۶ (جلد ٣٠٠٠ ہزار)

Printed by: Mellaram M. Vaswani
at the Sunder Printing Press.
Kaiserganj, Ajmer.

سـ گ